القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمة الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمة الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احادیث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

سُوْرَةُ الْمُجَادَلَةِ مَدَنِيَّة — آيَاتُهَا ٢٢ — رُكُوْعَاتُهَا ٣

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

قَدْ سَمِعَ اللّٰهُ قَوْلَ الَّتِيْ تُجَادِلُكَ فِيْ زَوْجِهَا وَ تَشْتَكِيْۤ

البت ٻڌي الله ڳالهه ان جي جيڪا هرهر چوي پئي توکي پنهنجي مڙس بابت ۽ دانهن ڏئي پئي

بيشڪ الله انهيءَ (عورت) جو ڳالهائڻ ٻڌو، جنهن پنهنجي مڙس بابت تو سان جهڳڙو ٿي ڪيو ۽ الله جي آڏو

اِلَى اللّٰهِ ﳓ وَ اللّٰهُ يَسْمَعُ تَحَاوُرَكُمَا ؕ اِنَّ اللّٰهَ سَمِيْعٌۢ بَصِيْرٌ ①

الله کي ۽ الله ٻڌي پيو پاڻ ۾ ڳالهائڻ توهانجو. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

(پنهنجي) ڏک جو احوال (بيان) ٿي ڪيو ۽ الله اوهان ٻنهي جو پاڻ ۾ ڳالهائڻ ٻڌو ٿي. بيشڪ الله ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي.

اَلَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ مِنْكُمْ مِّنْ نِّسَآىِٕهِمْ مَّا هُنَّ اُمَّهٰتِهِمْ ؕ

جيڪي ماءُ ٿا ڪوٺين توهان مان پنهنجي زالن کي ناهن اهي مائرون انهن جون.

اوهان مان جيڪي پنهنجين زالن سان ظهار ڪندا (يعني ماءُ چئي ويهندا) آهن. اهي (زالون کي) انهن جون مائر نہ آهن.

اِنْ اُمَّهٰتُهُمْ اِلَّا الّٰٓـِٔيْ وَلَدْنَهُمْ ؕ وَ اِنَّهُمْ لَيَقُوْلُوْنَ مُنْكَرًا

رڳو مائرون انهن جون اهي آهن جن ڄڻيو انهن کي، ۽ بيشڪ اهي ڳالهائن ٿا خراب

سندن مائر (تہ) اهي آهن، جن کين ڄڻيو آهي ۽ بيشڪ اهي (ظهار ڪندڙ) هڪ اڻ ڄڳائيندڙ ڳالهه

مِّنَ الْقَوْلِ وَ زُوْرًا ؕ وَ اِنَّ اللّٰهَ لَعَفُوٌّ غَفُوْرٌ ② وَ الَّذِيْنَ يُظٰهِرُوْنَ

لفظ ۽ ڪوڙ، ۽ بيشڪ الله معاف ڪندڙ بخشيندڙ آهي. ۽ جيڪي ماءُ چئي وجهن ٿا

۽ ڪوڙ چوندا آهن ۽ بيشڪ الله معافي ڏيندڙ بخشڻهار آهي. ۽ جيڪي پنهنجين زالن سان ظهار ڪندا آهن

مِنْ نِّسَآىِٕهِمْ ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ لِمَا قَالُوْا فَتَحْرِيْرُ رَقَبَةٍ مِّنْ

پنهنجي زالن کي پوءِ موٽن ٿا ان چوڻ کان تہ آزاد ڪرڻ ٻانهي جو آهي

پوءِ (وري) جيڪي چيائون تنهن کان (پوئتي) موٽندا (رجوع ڪندا) آهن تہ (زال مڙس) جي پاڻ ۾ هٿ لائڻ کان اڳ (هڪ) ٻانهو

قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ؕ ذٰلِكُمْ تُوْعَظُوْنَ بِهٖ ؕ وَ اللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ

اڳ ۾ ٻنهي جي ميلاپ کان، اهو اٿو، سيکت ڏجي ٿي توهان کي جنهن سان، ۽ الله توهان جي عملن جي

آجو ڪرڻ واجب آهي، انهيءَ (حڪم) سان اوهان کي نصيحت ڏجي ٿي ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

خَبِيْرٌ ③ فَمَنْ لَّمْ يَجِدْ فَصِيَامُ شَهْرَيْنِ مُتَتَابِعَيْنِ مِنْ

خبر رکندڙ آهي. پوءِ جيڪو نہ لهي ٻانهو تہ روزا رکي ٻہ مهينا لڳولڳ هن

پوءِ جيڪو (ٻانهو) نہ لهي (تنهن تي) ٻنهي جي پاڻ ۾ هٿ لائڻ کان اڳ ٻہ مهينا لڳولڳ روزا رکڻ (واجب) آهن.

قَبْلِ اَنْ يَّتَمَآسَّا ؕ فَمَنْ لَّمْ يَسْتَطِعْ فَاِطْعَامُ سِتِّيْنَ مِسْكِيْنًا ؕ
كان اڳ جو ٻئي ميلاپ كن، پوءِ جيكو نہ ركي سگهي تہ كارائڻي سٺ مسكينن كي،
پوءِ جيكو (روزا ركي) نہ سگهي، تنهن تي سٺ مسكينن جو كارائڻ (واجب) آهي، اهو (حكم هن لاءِ)
ذٰلِكَ لِتُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَ رَسُوْلِهٖ ؕ وَ تِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَ
اهو هن لاءِ آهي تہ جيئن حكم مڃيو الله ۽ سندس رسول جا، ۽ اهي حدون ٻڌل الله جون آهن، ۽
آهي تہ (اوهين) الله ۽ سندس پيغمبر (جي حكم) كي مڃيو ۽ اهي الله جون (مقرر كيل) حدون آهن ۽
لِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ④ اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَ
منكرن لاءِ عذاب دردناك آهي. بيشڪ جيكي مخالفت كن ٿا الله ۽
منكرن لاءِ ڏكوئيندڙ عذاب آهي. بيشڪ جيكي الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت كندا آهن،
رَسُوْلَهٗ كُبِتُوْا كَمَا كُبِتَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ وَقَدْ اَنْزَلْنَآ
سندس رسول جي خوار كيا ويندا جيئن خوار كيا ويا انهن كان اڳيان حالانك اسان لاٿيون هيون
تن كي (ائين) خوار كيو ويو، جيئن اُنهن كي خوار كيو ويو، جيكي ڪانئن اڳ هئا ۽ بيشڪ پڌريون آيتون نازل كيون سون
اٰيٰتٍۢ بَيِّنٰتٍ ؕ وَلِلْكٰفِرِيْنَ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ۚ ⑤ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ
آيتون پڌريون، ۽ كافرن لاءِ آهي عذاب ذليل كندڙ. ان ڏينهن جو اٿاريندو انهن كي
۽ منكرن لاءِ خوار كندڙ عذاب آهي. جنهن ڏينهن اُنهن مڙني كي الله اٿاريندو (تنهن ڏينهن) كين
اللّٰهُ جَمِيْعًا فَيُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا ؕ اَحْصٰىهُ اللّٰهُ وَنَسُوْهُ ؕ
الله گڏ كري پوءِ خبر ڏيندن سندن كمن جي، ڳڻي ركيو آهي ان كي الله ۽ هنن وساريو ان كي،
(اُنهيءَ جي) سُڌ ڏيندو جيكي كمايو هئائون، (جو) الله ان (سندن كئي) كي ڳڻي (ركي) ڇڏيو آهي ۽ (هنن)
وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ؑ ⑥ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ يَعْلَمُ مَا
۽ الله هر شيءِ جي خبر ركندڙ آهي. ڇا تو نہ ڏٺو تہ بيشڪ الله ڄاڻي ٿو جيكي
اهو وساري ڇڏيو ۽ الله هر شيءِ تي گواهہ آهي. نہ ڏٺو اٿيئي ڇا تہ جيكي آسمانن ۾ آهي ۽ جيكي زمين ۾ آهي
فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ؕ مَا يَكُوْنُ مِنْ نَّجْوٰى ثَلٰثَةٍ
آسمانن ۾ آهي ۽ جيكي زمين ۾، نہ هوندي كا ڳجهي صلاح ٽن ڄڻن جي
سو الله ڄاڻندو آهي؟ (كٿي بہ پاڻ ۾) ٽن ڄڻن جي ڳجهي صلاح كرڻ نہ هوندي آهي، پر انهن ۾ چوٿون الله آهي
اِلَّا هُوَ رَابِعُهُمْ وَلَا خَمْسَةٍ اِلَّا هُوَ سَادِسُهُمْ وَلَآ اَدْنٰى
پر اهو آهي چوٿون انهن ۾ نكي پنجن جي پر اهو آهي ڇهون انهن ۾ ۽ نہ گهٽ
۽ نكي پنجن (ڄڻن) جي (ڳجهي صلاح كرڻ هوندي آهي) پر انهن ۾ ڇهون الله آهي ۽ نكي اِن

مِنْ ذٰلِكَ وَلَآ اَكْثَرَ اِلَّا هُوَ مَعَهُمْ اَيْنَ مَا كَانُوْا ۚ ثُمَّ

ان کان ۽ نه وڌ پر اهو آهي گڏ انهن سان جتي به هجن، پوءِ

(گهاٽائي) کان تمام گهٽ ۽ نڪي تمام وڌ آهن، پر الله ساڻن آهي، اهي جتي به هجن. وري

يُنَبِّئُهُمْ بِمَا عَمِلُوْا يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ اِنَّ اللّٰهَ بِكُلِّ شَيْءٍ

اهو ٻڌائيندو انهن کي سندن عمل قيامت ڏينهن، بيشڪ الله هر شيءِ

جيڪي ڪيو اٿن (تنهن جي) قيامت جي ڏينهن کين سڌ ڏيندو. ڇو ته الله سڀ ڪنهن شيءِ کي

عَلِيْمٌ ⑦ اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ نُهُوْا عَنِ النَّجْوٰى ثُمَّ يَعُوْدُوْنَ

ڄاڻندڙ آهي. ڇا نه ڏٺو تو انهن ڏانهن جن کي جهليو ويو ڳجهين ڳالهين ڪرڻ کان پوءِ وري پيا ڪن

ڄاڻندڙ آهي. (اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ جن کي (مسلمانن جي ايذائڻ لاءِ پاڻ ۾) ڳجهين صلاحن ڪرڻ کان جهليو ويو، وري

لِمَا نُهُوْا عَنْهُ وَيَتَنٰجَوْنَ بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ

ان جهليل شيءِ کي ۽ پاڻ ۾ ڳالهيون ڪن پيا گناه ۽ ظلم ڪرڻ ۽ رسول جي

جنهن کان جهليا ويا سوئي ڪندا آهن، ۽ گناه ۽ حد کان لنگهڻ ۽ پيغمبر جي نافرماني ڪرڻ بابت پاڻ ۾ ڳجهيون صلاحون ڪندا آهن

الرَّسُوْلِ ۫ وَاِذَا جَآءُوْكَ حَيَّوْكَ بِمَا لَمْ يُحَيِّكَ بِهِ اللّٰهُ ۙ وَ

نافرمانيءَ جون، ۽ جڏهن اچن ٿا تو وٽ ته سلام ڪن ٿا توتي جنهن سان نه سلام ڪيو آهي توتي الله ۽

۽ جڏهن تو وٽ ايندا آهن، (تڏهن) توکي اُنهيءَ (لفظ) سان سلام ڪندا آهن، جنهن سان توکي الله سلام ۾ نه ڪيو آهي ۽

يَقُوْلُوْنَ فِيْٓ اَنْفُسِهِمْ لَوْلَا يُعَذِّبُنَا اللّٰهُ بِمَا نَقُوْلُ ؕ حَسْبُهُمْ

چون ٿا پنهنجي دلين ۾ ته ڇو نه ٿو عذاب ڪري اسان کي الله انهيءَ ڳالهائڻ سان، ڪافي آهي

پنهنجين دلين ۾ چوندا آهن ته جيڪي چوندا آهيون، تنهن جي ڪري الله اسان کي ڇو نه ٿو عذاب ڪري؟

جَهَنَّمُ ۚ يَصْلَوْنَهَا ۚ فَبِئْسَ الْمَصِيْرُ ⑧ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا

انهن لاءِ جهنم، پوندا ان ۾، پوءِ اها زور بڇڙي جاءِ آهي. اي ايمان وارو!

کين دوزخ ڪافي آهي، ان ۾ گهڙندا، پوءِ دوزخ بڇڙي جاءِ آهي. اي ايمان وارؤ! جڏهن (اوهين) پاڻ ۾

اِذَا تَنَاجَيْتُمْ فَلَا تَتَنَاجَوْا بِالْاِثْمِ وَالْعُدْوَانِ وَمَعْصِيَتِ

جڏهن ڪن ۾ ڳالهه ڪريو ته نه سُس پُس ڪجو گناهه ۽ حد ٽپڻ جي ۽ رسول جي

(ڪا) ڳجهي صلاح ڪريو (تڏهن جڳائي) ته گناه ۽ حد کان لنگهڻ ۽ پيغمبر جي نافرمانيءَ بابت (ڪابه) پاڻ ۾ صلاح

الرَّسُوْلِ وَتَنَاجَوْا بِالْبِرِّ وَالتَّقْوٰى ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِيْٓ اِلَيْهِ

نافرمانيءَ جي ۽ صلاح ڪجو ڀلائي ڪرڻ ۽ پرهيزگاريءَ جي، ۽ ڊڄو الله کان جنهن ڏانهن

نه ڪريو ۽ ڀلائيءَ ۽ پرهيزگاريءَ بابت صلاح ڪريو ۽ انهيءَ الله کان ڊڄو، جنهن ڏانهن

تُحْشَرُوْنَ ⑨ اِنَّمَا النَّجْوٰى مِنَ الشَّيْطٰنِ لِيَحْزُنَ الَّذِيْنَ

گڏ ڪيا ويندؤ. رڳو اها سس پس تہ شيطان کان آهي جيئن دلگير ڪري

گڏ ڪيا ويندؤ. بڇڙي صلاح ڪرڻ تہ شيطان جو ئي ڪم آهي، هن لاءِ تہ مؤمنن کي دلگير ڪري

اٰمَنُوْا وَلَيْسَ بِضَآرِّهِمْ شَيْـًٔا اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ

مومنن کي ۽ اهو ناهي بگاڙيندڙ انهن جو ڪجهہ بہ سواءِ حڪم الله جي، ۽ الله تي

۽ هو الله جي حڪم کان سواءِ ڪجهہ بہ نقصان پهچائڻ وارو نہ آهي ۽ جڳائي تہ مؤمن الله تي

فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ⑩ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا قِيْلَ لَكُمْ

پل تہ ڀروسو ڪن ايمان وارا! اي ايمان وارو! جڏهن چئجي توهان کي

ڀروسو ڪن. اي ايمان وارو! جڏهن اوهان کي چئجي تہ (پنهنجين) مجلسن ۾ جاءِ ڪشادي ڪريو،

تَفَسَّحُوْا فِى الْمَجٰلِسِ فَافْسَحُوْا يَفْسَحِ اللّٰهُ لَكُمْ ۚ وَاِذَا قِيْلَ

ڪشادا ٿي ويهو مجلسن ۾ پوءِ ڪشادا ٿيو تہ ڪشادگي ڪري الله اوهان لاءِ، ۽ جڏهن چئجي

تہ پوءِ (جاءِ) ڪشادي ڪريو تہ الله بہ اوهان (جي سيڪنهن مشڪل) جي گشادگي ڪري ۽ جڏهن

انْشُزُوْا فَانْشُزُوْا يَرْفَعِ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مِنْكُمْ ۙ وَالَّذِيْنَ

اُٿي وڃو پوءِ اٿندا ڪريو تہ مٿانهان ڪري الله توهان مان ايمان وارن جا ۽

چئجي تہ اٿو، تڏهن اٿو تہ اوهان مان جن ايمان آندو آهي ۽ جن کي علم ڏنو ويو آهي،

اُوْتُوا الْعِلْمَ دَرَجٰتٍ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ⑪ يٰۤاَيُّهَا

علم وارن جا درجا، ۽ الله توهان جي عملن جي خبر رکندڙ آهي. اي

تن جا مرتبا الله وڏا ڪري ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. اي ايمان وارو!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِذَا نَاجَيْتُمُ الرَّسُوْلَ فَقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ

ايمان وارو! جڏهن ڪن ۾ ڳالهايو رسول سان تہ پيش ڪريو اڳ ۾

جڏهن اوهين (گهرو تہ) پيغمبر سان ڪا ڳجهي ڳالهہ ڪريو، تڏهن پنهنجيءَ ڳجهيءَ ڳالهہ ڪرڻ کان اڳ

نَجْوٰىكُمْ صَدَقَةً ؕ ذٰلِكَ خَيْرٌ لَّكُمْ وَاَطْهَرُ ؕ فَاِنْ لَّمْ

پنهنجي ڳالهہ ڪرڻ کان خيرات ڪي، اهو ڀلو آهي توهان لاءِ ۽ تمام پاڪ، پوءِ جي نہ

ڀريائين خيرات ڏيو اِهو (ڪم) اوهان لاءِ ڀلو ۽ تمام سٺو آهي، پوءِ جيڪڏهن ڪجهہ نہ لهو تہ بيشڪ

تَجِدُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ⑫ ءَاَشْفَقْتُمْ اَنْ تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيْ

اٿو ڪجهہ بہ تہ الله بخشيندڙ مهربان آهي. ڇا ڊڄي ويا آهيو توهان جو پيش ڪريو اڳ ۾

الله بخشڻهار مهربان آهي. اوهين (اِنهيءَ ڳالهہ کان) ڊڄي ويو ڇا؟ تہ پنهنجيءَ ڳجهيءَ ڳالهہ چوڻ کان

نَجْوٰىكُمْ صَدَقٰتٍ ؕ فَاِذْ لَمْ تَفْعَلُوْا وَتَابَ اللّٰهُ عَلَيْكُمْ
ڳجهي ڳالهہ پنهنجيءَ کان خيراتون، پوءِ جڏهن نہ ڪيو توهان ۽ معاف ڪيو الله توهان کي
پهريائين خيرات ڏيو؟ پوءِ جڏهن اوهان (ائين) نہ ڪيو ۽ الله اوهان کان ٽارو ڪيو
فَاَقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَاٰتُوا الزَّكٰوةَ وَاَطِيْعُوا اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ
پوءِ قائم ڪريو نماز ۽ ڏيو زڪوات ۽ تابعداري ڪريو الله ۽ سندس رسول جي،
تڏهن (هاڻي) نماز پڙهندا رهو ۽ زڪوات ڏيندا رهو ۽ الله ۽ سندس پيغمبر جو چيو مڃيو ۽ جيڪي
وَاللّٰهُ خَبِيْرٌ ۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٣﴾ ع اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ تَوَلَّوْا قَوْمًا
۽ الله خبر رکندڙ آهي توهان جي عملن جي، ڇا نہ ڏٺو تو انهن ڏي جن دوست رکيو اهڙي قوم کي
ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. (اي پيغمبر!) انهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا، جن هڪ اهڙيءَ قوم سان دوستي رکي
غَضِبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ ؕ مَا هُمْ مِّنْكُمْ وَلَا مِنْهُمْ ۙ وَيَحْلِفُوْنَ
جو ڪاوڙيو الله انهن تي، نہ اهي توهان مان آهن ۽ نڪي انهن مان ۽ اهي قسم پيا کڻن
جن تي الله ڏمريو آهي. نڪي اِهي (يعني منافق) اوهان مان آهن ۽ نڪي انهن (يهودين) مان آهن ۽ اُهي
عَلَى الْكَذِبِ وَهُمْ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٤﴾ ج اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ؕ
ڪوڙ تي حالانڪ اهي، ڄاڻن پيا. تيار ڪيو آهي الله انهن لاءِ عذاب سخت،
ڄاڻي ٻجهي ڪوڙ تي قسم کڻندا آهن. اُنهن لاءِ الله سخت عذاب تيار ڪيو آهي،
اِنَّهُمْ سَآءَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٥﴾ اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً
بيشڪ بڇڙو آهي اهو جيڪي ڪندا هئا. ورتائون پنهنجي قسمن کي ڍال ڪري
ڇو تہ اهي جيڪي ڪندا هئا سو بڇڙو آهي. پنهنجن قسمن کي ڍال ڪري ورتو اٿن
فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَلَهُمْ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ ﴿١٦﴾ لَنْ
پوءِ روڪيائون الله جي رستي کان تنهنڪري انهن لاءِ عذاب ذلت وارو آهي. هرگز نہ
۽ الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليائون، تنهن ڪري اُنهن لاءِ خواري ڏيندڙ عذاب آهي.
تُغْنِيَ عَنْهُمْ اَمْوَالُهُمْ وَلَآ اَوْلَادُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ شَيْـًٔا ؕ اُولٰٓئِكَ
بچائيندو انهن کي سندن مال ۽ نہ سندن اولاد الله کان ڪري پر، اهي
الله (جي عذاب) کان نڪي سندن مال ۽ نڪي سندن اولاد ڪائنڻ ڪجهہ بہ ٽاريندو، اِهي
اَصْحٰبُ النَّارِ ؕ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿١٧﴾ يَوْمَ يَبْعَثُهُمُ اللّٰهُ جَمِيْعًا
جهنمي آهن، اهي ان ۾ پيا هوندا. جنهن ڏينهن اٿاريندو الله انهن سڀني کي
دوزخي آهن، اِهي ان ۾ سدائين رهندا. جنهن ڏينهن اِنهن مڙني کي الله اٿاريندو، تنهن ڏينهن سندن

فَيَحْلِفُوْنَ لَهٗ كَمَا يَحْلِفُوْنَ لَكُمْ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ عَلٰى

پوءِ قسم کڻندا ان وٽ جيئن قسم کڻندا آهن توهان وٽ ۽ ڀائين ٿا ته پاڻ به حق تي

آڏو (اٿين) قسم کڻندا جيئن اوهان جي آڏو قسم کڻندا آهن ۽ ڀائيندا آهن ته اهي ڪنهن (جڳهيءِ)

شَيْءٍ ؕ اَلَآ اِنَّهُمْ هُمُ الْكٰذِبُوْنَ ﴿١٨﴾ اِسْتَحْوَذَ عَلَيْهِمُ الشَّيْطٰنُ

آهن، خبردار اهي ئي ڪوڙا آهن. غالب ٿيو انهن تي شيطان

ڳالھ تي آهن، خبردار ٿيو! بيشڪ اهي اصل ڪوڙا آهن. مٿن شيطان غالب ٿي ويو آهي.

فَاَنْسٰىهُمْ ذِكْرَ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ الشَّيْطٰنِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ

پوءِ وسارايائين انهن کان ياد الله جي، اهي آهن ٽولو شيطان جو، خبردار بيشڪ ٽولو

پوءِ انهن (جي دل) کان الله جي يادگيري وسارايائين. اهي (ماڻهو) شيطان جي جماعت آهن. خبردار (ٿيو! ته) بيشڪ شيطان

الشَّيْطٰنِ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ﴿١٩﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ يُحَآدُّوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗٓ

شيطان جو، اهي ئي ٽوٽي ۾ آهن. بيشڪ جيڪي مخالفت ڪن ٿا الله ۽ ان جي رسول جي

جي جماعت ئي ٽوٽي واري آهي. بيشڪ جيڪي الله ۽ سندس پيغمبر (جي حڪم) جي مخالفت ڪندا آهن.

اُولٰٓئِكَ فِي الْاَذَلِّيْنَ ﴿٢٠﴾ كَتَبَ اللّٰهُ لَاَغْلِبَنَّ اَنَا وَرُسُلِيْ ؕ

اهي ئي ڪمزور آهن. فيصلو ڪيو الله ته ضرور ڇانئجي ويندس مان ۽ منهنجا رسول.

سي تمام خواريءَ وارن (ذليل ماڻهن) ۾ آهن. الله لکي ڇڏيو آهي ته آءٌ ضرور غالب رهندس ۽ منهنجا پيغمبر به.

اِنَّ اللّٰهَ قَوِيٌّ عَزِيْزٌ ﴿٢١﴾ لَا تَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ

بيشڪ الله سگهارو آهي زبردست آهي. نه لهندين تون اهڙا ماڻهو جي مڃين الله کي ۽ ڏينهن

جو ته الله سگهارو زبردست آهي. (اي پيغمبر!) اها قوم جيڪا الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندي هجي، تنهن کي تون (هن وصف سان)

الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَآدَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْٓا اٰبَآءَهُمْ

قيامت کي جو دوستي رکن انهن سان جيڪي مخالف ٿيا الله ۽ ان جي رسول جا توڙي هجن اهي سندس پيءُ ڏاڏا

نه ڏسندين ته جنهن الله ۽ سندس پيغمبر جي مخالفت ڪئي آهي، تنهن سان دوستي رکندا هجن. توڙي جو اهي (ماڻهو) سندن ابا ڏاڏا

اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْ عَشِيْرَتَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ كَتَبَ فِيْ

يا پٽ پوٽا يا ڀائر انهن جا يا مائٽ انهن جا، اهي ئي آهن جو لکيائين

يا سندن پٽ يا سندن ڀائر يا سندن مائٽ هجن. اهي (مؤمن اهي) آهن. جن جي دلين ۾ الله ايمان لکيو آهي

قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ ؕ وَيُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ

انهن جي دلين ۾ ايمان کي ۽ مدد ڪيائين انهن جي پنهنجي فيض سان. ۽ داخل ڪندو انهن کي باغن ۾

۽ جن کي پنهنجي ڳجهي فيض سان مدد ڏني اٿس ۽ انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو

تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ

وهن ٿيون | جن جي هيٺان | واهيون | سدائين رهندا | ان ۾ | راضي ٿيو | الله | انهن کان

جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن. هو انهيءَ ۾ سدائين رهندا. الله کانئن راضي ٿيو ۽ اهي کانئس راضي ٿيا.

وَرَضُوْا عَنْهُ ؕ اُولٰٓئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ ؕ اَلَآ اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٢٢﴾

۽ اهي راضي ٿيا الله کان. | اهي آهن | لشڪر | الله جو. | خبردار بيشڪ | لشڪر | الله جو اهي ئي ڪامياب ٿيندڙ آهن.

اهي الله جي جماعت آهن. خبردار (ٿيو ! تہ) بيشڪ الله جي جماعت ئي ڪامياب ٿيندڙ آهي.

سُوْرَةُ الْحَشْرِ مَدَنِيَّةٌ | بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | اٰيَاتُهَا ٢٤ رُكُوْعَاتُهَا ٣

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١﴾

پاڪائي بيان ڪئي الله جي هر شيءِ جا | آسمانن ۾ | ۽ جا | زمين ۾ آهي، | ۽ اهو | زبردست | پڪي ڪم وارو آهي.

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي.

هُوَ الَّذِيْٓ اَخْرَجَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ مِنْ

اهو | جنهن | ڪيڍي ڇڏيو | انهن کي | جن ڪفر ڪيو | ڪتاب وارن مان

(الله) اهو آهي جنهن ڪتاب وارن مان ڪافرن کي سندن گهرن مان پهرينءَ ئي ويڙهہ ۾

دِيَارِهِمْ لِاَوَّلِ الْحَشْرِ ؔ مَا ظَنَنْتُمْ اَنْ يَّخْرُجُوْا وَظَنُّوْٓا اَنَّهُمْ

سندن گهرن کان | پهرين | ويڙهہ ۾، | نہ ٿي ڀانيو توهان | تہ | اهي ڪونڪرندا ۽ | انهن ڀانيو هو تہ

ٻاهر ڪڍي ڇڏيو. (اي مسلمانو!) انهن جي نڪرڻ جو اوهين ڪو گمان نہ ڪندا هيو ۽ اهي ڀائيندا هئا تہ

مَّانِعَتُهُمْ حُصُوْنُهُمْ مِّنَ اللّٰهِ فَاَتٰىهُمُ اللّٰهُ مِنْ حَيْثُ لَمْ

بچائيندا انهن کي | سندن ڪوٽ | الله جي عذاب کان | پوءِ پهتو انهن تي | الله | اتان جو | نہ

الله جي (عذاب) کان سندن قلعا کين بچائڻ وارا هوندا، پوءِ (اتان) ورن الله (جو عذاب) پهتو

يَحْتَسِبُوْا وَقَذَفَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الرُّعْبَ يُخْرِبُوْنَ بُيُوْتَهُمْ

گمان ڪيائون | ۽ | وڌائين | انهن جي دلين ۾ | ڌاڪو | جو ڊاهڻ لڳا | پنهنجا گهر

جتان ڄاڻندا ئي نہ هئا ۽ سندن دلين ۾ اهڙي دهشت وڌائين جو پنهنجن هٿن سان ۽ مسلمانن

بِاَيْدِيْهِمْ وَاَيْدِي الْمُؤْمِنِيْنَ ۗ فَاعْتَبِرُوْا يٰٓاُولِي الْاَبْصَارِ ﴿٢﴾

پنهنجن هٿن سان | ۽ | هٿن | مسلمانن جي سان | پوءِ عبرت وٺو | اي اکين وارؤ

جي هٿن سان پنهنجن گهرن کي (ڀاڻ) ڊاهڻ لڳا، تنهن ڪري اي اکين وارؤ! عبرت وٺو!

وقف النبي صلى الله عليه وآله وسلم

وَلَوْلَآ اَنْ كَتَبَ اللّٰهُ عَلَيْهِمُ الْجَلَآءَ لَعَذَّبَهُمْ فِي الدُّنْيَا ط

۽ جيڪڏهن نه لکي ها الله مٿن جلاوطني ته ضرور عذاب ڪرين ها دنيا ۾.

۽ جيڪڏهن الله مٿن جلاوطني نه لکي ها ته ڪين (ٻيءَ طرح) دنيا ۾ عذاب ڪري ها ۽ انهن کي

وَلَهُمْ فِي الْاٰخِرَةِ عَذَابُ النَّارِ ﴿٣﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ شَآقُّوا اللّٰهَ

۽ آهي انهن لاءِ آخرت ۾ عذاب باهه جو. اهو هن ڪري ته انهن مخالفت ڪئي الله

آخرت ۾ (به) باهه جو عذاب آهي. اِهو (عذاب) هن ڪري آهي جو انهن الله ۽ سندس پيغمبر جي

وَرَسُوْلَهٗ ج وَمَنْ يُّشَآقِّ اللّٰهَ فَاِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ﴿٤﴾

۽ ان جي رسول جي. ۽ جيڪو مخالفت ڪندو الله جي پوءِ بيشڪ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي.

مخالفت ڪئي ۽ جيڪو الله جي مخالفت ڪندو ته بيشڪ الله سخت عذاب (ڪرڻ) وارو آهي.

مَا قَطَعْتُمْ مِّنْ لِّيْنَةٍ اَوْ تَرَكْتُمُوْهَا قَآئِمَةً عَلٰٓى اُصُوْلِهَا

جيڪي وڍيا توهان وڻ ڪجين جا يا جيڪي ڇڏيو بيهندڙ ٿڙن تي

(اي مومنو!) جيڪي ڪجين جا وڻ وڍيو يا انهن کي پنهنجين پاڙن تي (اصلوڪيءَ حالت ۾) بيٺل ڇڏيو

فَبِاِذْنِ اللّٰهِ وَلِيُخْزِيَ الْفٰسِقِيْنَ ﴿٥﴾ وَمَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ

سو حڪم الله جي سان ۽ جيئن ته خوار ڪري بدڪارن کي. ۽ جيڪي مال ڏياريو الله پنهنجي رسول کي

سو الله جي حڪم سان ۽ هن لاءِ هو ته بدڪارن (ڪافرن) کي خوار ڪري. ۽ انهن (يعني بني نضير جي مالن) مان جيڪو

مِنْهُمْ فَمَآ اَوْجَفْتُمْ عَلَيْهِ مِنْ خَيْلٍ وَّلَا رِكَابٍ وَّلٰكِنَّ

انهن وٽان پوءِ نه ڊوڙايا توهان انهيءَ تي گهوڙا ۽ نه ڪي اُٺ پر

(مال) الله پنهنجي پيغمبر کي هٿ ۾ ڏنو تنهن تي اوهان نڪي گهوڙا ۽ نڪي ڪي اُٺ ڊوڙايا هئا. پر

اللّٰهَ يُسَلِّطُ رُسُلَهٗ عَلٰى مَنْ يَّشَآءُ ط وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ﴿٦﴾

الله قبضو ڏئي ٿو پنهنجي رسولن کي جنهن تي چاهي، ۽ الله هر شيءِ تي سگهه رکندڙ آهي.

الله پنهنجن پيغمبرن کي جنهن تي وڻيس (تنهن تي) غالب ڪندو آهي ۽ الله سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي.

مَآ اَفَآءَ اللّٰهُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مِنْ اَهْلِ الْقُرٰى فَلِلّٰهِ وَلِلرَّسُوْلِ

جيڪي مال ڏياريو الله پنهنجي رسول کي ڳوٺن وارن کان سو الله لاءِ آهي ۽ رسول لاءِ

ڳوٺاڻن (جي مالن) مان جيڪي الله پنهنجي پيغمبر کي هٿ ۾ ڏنو سو خاص الله لاءِ ۽ پيغمبر لاءِ

وَلِذِي الْقُرْبٰى وَالْيَتٰمٰى وَالْمَسٰكِيْنِ وَابْنِ السَّبِيْلِ لا

۽ مائٽن ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافر لاءِ

۽ (پيغمبر جي) مائٽن لاءِ ۽ يتيمن ۽ مسڪينن ۽ مسافرن لاءِ آهي (اهو هن لاءِ بيان ڪيو ويو)

كَيْ لَا يَكُوْنَ دُوْلَةً ۢ بَيْنَ الْاَغْنِيَآءِ مِنْكُمْ ؕ وَمَآ اٰتٰىكُمُ

جيئن تہ نہ ٿئي اهو مال ذاتي ملڪيت آسودن جي وچ ۾ توهان مان ۽ جيڪي ڏئي توهان کي

تہ اهو (مال رڳو) اوهان مان دنياداران جي درميان ڏيڻ وٺڻ ۾ نہ رهي ۽ جيڪي پيغمبر اوهان کي ڏئي

الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۗ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ

رسول پوءِ وٺو ان کي، ۽ روڪي توهان کي جنهن کان پوءِ رڪجي پئو، ۽ ڊڄو الله کان.

سو وٺو ۽ جنهن کان اوهان کي جهلي تنهن کي ڇڏي ڏيو ۽ الله کان ڊڄو، ڇو تہ الله سخت عذاب

اِنَّ اللّٰهَ شَدِيْدُ الْعِقَابِ ۘ ۝٧ لِلْفُقَرَآءِ الْمُهٰجِرِيْنَ الَّذِيْنَ وقف لازم

ڇو تہ الله سخت عذاب ڪندڙ آهي. (۽ اهو مال) غريب مهاجرن لاءِ آهي جيڪي

(ڪرڻ) وارو آهي. (۽ اهو مٿي ڄاڻايل فيءَ جو مال) اُنهن هجرت ڪرڻ وارن مسڪينن لاءِ (بہ) آهي، جن کي

اُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ

ڪڍيا ويا پنهنجي گهرن ۽ ملڪيتن مان اهي گهرن ٿا رزق

سندن گهرن ۽ سندن مالن مان ٻاهر ڪڍيو ويو، جيڪي (پنهنجي) الله کان فضل ۽ (سندس)

اللّٰهِ وَرِضْوَانًا وَّيَنْصُرُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ

الله کان ۽ رضامندو ۽ مدد ڪن ٿا الله ۽ سندس رسول جي، اهي ئي

رضامندي طلبيندا آهن ۽ الله جي ۽ سندس پيغمبرن جي مدد ڏيندا آهن، اِهي ئي سچا آهن.

الصّٰدِقُوْنَ ۝٨ ۚ وَالَّذِيْنَ تَبَوَّؤُ الدَّارَ وَالْاِيْمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ

سچا آهن. ۽ انهن لاءِ جيڪي رهيا گهر ۾ ۽ رهيا ايمان ۾ انهن کان اڳ ۾

۽ (اُنهن لاءِ بہ آهي) جن دارالاسلام (يعني مديني) ۾ ۽ ايمان ۾ مهاجرن کان اڳ گهر ٺايو.

يُحِبُّوْنَ مَنْ هَاجَرَ اِلَيْهِمْ وَلَا يَجِدُوْنَ فِيْ صُدُوْرِهِمْ

اهي پيار ڪن ٿا انهن سان جن هجرت ڪئي انهن ڏانهن ۽ نہ ٿا لهن پنهنجي دلين ۾

جيڪو وٽن لڏي اچي تنهن کي دوست رکندا آهن ۽ جيڪي مهاجرن کي ڏنو ويو، تنهن بابت پنهنجين دلين ۾

حَاجَةً مِّمَّآ اُوْتُوْا وَيُؤْثِرُوْنَ عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ

ڪا خواهش ان شيءِ جي جيڪا ڏني وئي انهن کي ۽ اڳرو رکن ٿا انهن کي پاڻ کان جيتوڻيڪ هجي کين

ڪا پريشاني نہ لهندا آهن ۽ (ٻين کي) پاڻ تي ترجيح ڏيندا آهن، توڻيڪ کين کر احتياج بہ هوندو آهي

خَصَاصَةٌ ۫ؕ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ۝٩ ۚ

بک، ۽ جيڪو بچايو ويو لالچ نفس جي کان پوءِ اهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن.

۽ جن کي سندن نفس جي حرص کان بچايو ويو سي ئي ڇٽڻ وارا آهن. ۽ (اهو مال اُنهن لاءِ بہ آهي)

وَالَّذِيْنَ جَآءُوْ مِنْۢ بَعْدِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَا اغْفِرْ لَنَا وَ

۽ انهن لاءِ بہ جيڪي آيا انهن کان پوءِ چون ٿا اي پالڻهار اسانجا بخش اسان کي ۽

جيڪي اِنهن (يعني مهاجرن ۽ انصارن) کان پوءِ آيا، چوندا آهن تہ اي اسان جا پالڻهار! اسان کي بخش ۽

لِاِخْوَانِنَا الَّذِيْنَ سَبَقُوْنَا بِالْاِيْمَانِ وَلَا تَجْعَلْ فِيْ قُلُوْبِنَا

اسان جي ڀائرن کي جيڪي اڳي ٿي گذريا اسان کان ايمان سان ۽ نہ وجھ اسانجي دلين ۾

اسان جي (اُنهن) ڀائرن کي (بہ) جن ايمان آڻڻ ۾ اسان کان اڳرائي ڪئي ۽ مومنن بنسبت اسان جي دلين ۾

غِلًّا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوْا رَبَّنَآ اِنَّكَ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ⑩ اَلَمْ تَرَ اِلَى

کوٽ ايمان وارن لاءِ اي پالڻهار اسانجا بيشڪ تون ئي نرمي ڪندڙ رحم ڪندڙ آهين. ڇا نہ ڏٺو تو انهن

ڪو ڪوٽ نہ وجھ، اي اسان جا پالڻهار! بيشڪ تون ڏاڍو شفقت ڪندڙ مهربان آهين. اُنهن ڏانهن نہ ڏٺو اٿيئي ڇا؟

الَّذِيْنَ نَافَقُوْا يَقُوْلُوْنَ لِاِخْوَانِهِمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ

ڏي جن منافقي ڪئي چون ٿا ڀائرن پنهنجن کي جن ڪفر ڪيو اهل

جيڪي منافق ٿيا جي پنهنجن اُنهن ڀائرن کي چوندا آهن جيڪي ڪتاب وارن مان منڪر آهن، تہ (قسم آهي! تہ)

الْكِتٰبِ لَئِنْ اُخْرِجْتُمْ لَنَخْرُجَنَّ مَعَكُمْ وَلَا نُطِيْعُ فِيْكُمْ

ڪتاب مان تہ جيڪڏهن توهان کي ڪڍيو ويو تہ اسان ضرور نڪرنداسون توهان سان گڏ ۽ نہ چيو وٺنداسون توهان ۾

جيڪڏهن اوهان کي (وطن مان) تڙايو ويو تہ (اسين بہ) اوهان سان گڏ نڪرنداسون ۽ اوهان جي حق ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن جو چيو

اَحَدًا اَبَدًا ۙ وَّاِنْ قُوْتِلْتُمْ لَنَنْصُرَنَّكُمْ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّهُمْ

ٻئي ڪنهن جو ڪڏهين بہ ۽ جيڪڏهن جنگ ٿي ٻئي توهان سان تہ ضرور مدد ڪنداسون توهان جي ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو تہ اهي

نہ مڃينداسون ۽ جيڪڏهن اوهان سان ويڙهہ ڪئي ويندي تہ اوهان جي ضرور مدد ڪنداسون. الله شاهدي ٿو ڏئي تہ اِهي

لَكٰذِبُوْنَ ⑪ لَئِنْ اُخْرِجُوْا لَا يَخْرُجُوْنَ مَعَهُمْ ۚ وَلَئِنْ قُوْتِلُوْا

ڪوڙا آهن. جيڪڏهن اهي ڪڍيا ويا تہ هي نہ نڪرندا انهن سان گڏ، ۽ جيڪڏهن جنگ ڪئي وئي انهن سان تہ

پڪ ڪوڙا آهن. (قسم آهي! تہ) جيڪڏهن (ڪتاب وارن کي وطن مان) تڙيو تہ (اهي منافق) ساڻن (وطن مان) نہ نڪرندا ۽ جيڪڏهن اُنهن سان

لَا يَنْصُرُوْنَهُمْ ۚ وَلَئِنْ نَّصَرُوْهُمْ لَيُوَلُّنَّ الْاَدْبَارَ ۫ ثُمَّ لَا يُنْصَرُوْنَ ⑫

هي ڪو نہ مدد ڪندن، ۽ جيڪڏهن مدد ڪيائون انهن جي تہ ضرور ڦيرائيندا پٺيون ڏئي، پوءِ نہ مدد ڪيا ويندا.

جنگ ڪبي تہ ڪين مدد نہ ڏيندا، پر جيڪڏهن (ڪلي) ڪين مدد ڏيندا بہ تہ ضرور (پنهنجون) پٺيون ڦيرائيندا. وري (پوءِ ڪتان بہ) ڪين مدد نہ ڏبي.

لَاَنْتُمْ اَشَدُّ رَهْبَةً فِيْ صُدُوْرِهِمْ مِّنَ اللّٰهِ ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ

يقينن توهان تمام سخت دهشت وارا آهيو انهن جي دلين ۾ الله کان بہ وڌيڪ، اهو هن ڪري تہ اهي

(اي مسلمانو!) بيشڪ اوهين اُنهن جي دلين ۾ الله کان (بہ) وڌيڪ دهشت وارا آهيو. اِهو هن ڪري جو

قَوْمٌ لَّا يَفْقَهُوْنَ ﴿١٣﴾ لَا يُقَاتِلُوْنَكُمْ جَمِيْعًا اِلَّا فِيْ قُرًى مُّحَصَّنَةٍ
ماڻهو نہ ٿا سمجهه رکن. ڪونہ مقابلو ڪندا توهان سان گڏجي مگر ڳوٺن قلعي وارن ۾
اهي بي سمجهه قوم آهن. (سڀ) هڪ هنڌ ٿي اوهان سان (ٻاهر ڪڍهن) ويڙهه نہ ڪندا، پر قلعي وارن (مضبوط) ڳوٺن ۾

اَوْ مِنْ وَّرَآءِ جُدُرٍ ؕ بَاْسُهُمْ بَيْنَهُمْ شَدِيْدٌ ؕ تَحْسَبُهُمْ
يا پٺيان ڀتين ڪان، ويڙهه انهن جي پاڻ ۾ سخت آهي، تون ڀانئين ٿو انهن کي
يا ڀتين جي آڙ ۾ (ڪندا) پاڻ ۾ انهن جي ويڙهه تمام سخت پيل آهي، ڪين (مصلحت ۾) گڏ ڀيل ڀائيندو آهين.

جَمِيْعًا وَّ قُلُوْبُهُمْ شَتّٰى ؕ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ قَوْمٌ لَّا يَعْقِلُوْنَ ﴿١٤﴾
گڏيل پر دليون سندن ڌار آهن، اهو هن ڪري ته اهي ماڻهو نہ ٿا عقل رکن.
پر انهن جون دليون ڌار ڌار آهن، اهو هن ڪري جو اهي بيعقل قوم آهن. (سندن مثال)

كَمَثَلِ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ قَرِيْبًا ذَاقُوْا وَبَالَ اَمْرِهِمْ ۚ وَ
جيئن مثال انهن جو جيڪي هئا انهن ڪان ڪجهه اڳي چکيائون سزا پنهنجي ڪئي جي، ۽
انهن جي مثال جهڙو آهي، جيڪي ڪانئن ڪجهه اڳ هئا (جن) پنهنجي ڪئي جي سزا چکي ۽

لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿١٥﴾ كَمَثَلِ الشَّيْطٰنِ اِذْ قَالَ لِلْاِنْسَانِ
انهن لاءِ عذاب ڏکوئيندڙ آهي. جهڙو مثال شيطان جو جڏهن چوي ٿو ماڻهوءَ کي
انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. (ڪتاب وارن سان، منافقن جو مثال) شيطان جي مثال وانگر آهي، جڏهن ماڻهوءَ کي چوندو آهي ته ڪافر ٿيءُ،

اكْفُرْ ۚ فَلَمَّا كَفَرَ قَالَ اِنِّيْ بَرِيْٓءٌ مِّنْكَ اِنِّيْٓ اَخَافُ اللّٰهَ رَبَّ
ڪفر ڪر، پوءِ جڏهن ان ڪفر ڪيو چوندو آهي مان بيزار آهيان توکان بيشڪ مان ڊڄان ٿو الله جهانن
پوءِ جنهن مهل ڪافر ٿيو (تنهن مهل هو) چوندو آهي ته بيشڪ! آءٌ توکان بيزار آهيان، آءٌ جهانن جي پالڻهار کان ڊڄان ٿو.

الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦﴾ فَكَانَ عَاقِبَتَهُمَآ اَنَّهُمَا فِي النَّارِ خَالِدَيْنِ فِيْهَا ؕ
جي پالڻهار کان. پوءِ آهي پڇاڙي ٻنهي جي ته اهي ٻئي هوندا باهه ۾ هميشه رهندڙ ان ۾.
پوءِ (شيطان ۽ ماڻهوءَ) ٻنهي جي پڇاڙي هيئن ٿي ته ٻئي اُتي باهه ۾ هميشه هوندا ۽ اها

ع ٢ ٥
وَ ذٰلِكَ جَزٰٓؤُا الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٧﴾ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ
۽ اها آهي سزا ظالمن جي. اي ايمان وارؤ! ڊڄو الله کان
ظالمن جي سزا آهي. اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ جڳائي ته سڀڪو شخص سوچي ته سڀاڻي (قيامت)

وَلْتَنْظُرْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ لِغَدٍ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ خَبِيْرٌۢ
۽ پيل ڏسي هر نفس ته ڇا پيش ڪيائين سڀاڻي لاءِ، ۽ ڊڄو الله کان، بيشڪ الله خبر رکندڙ آهي
لاءِ ڇا اڳي موڪليو اٿس ۽ (وري به) الله کان ڊڄندا رهو ڇو ته جيڪي اوهين ڪندا آهيو تنهن بابت الله خبر رکندڙ آهي.

بِمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿١٨﴾ وَلَا تَكُوْنُوْا كَالَّذِيْنَ نَسُوا اللّٰهَ فَاَنْسٰهُمْ

توهان جي عملن جي. ۽ نہ ٿجو انهن جهڙا جن وساريو الله کي پوءِ وسارايائين

۽ (اوهين) انهن جهڙا نہ ٿيو جن الله کي وساريو، پوءِ الله انهن کان سندن نفسن (جي اصلاح) کي وسرائي ڇڏيو

اَنْفُسَهُمْ ؕ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْفٰسِقُوْنَ ﴿١٩﴾ لَا يَسْتَوِيْٓ اَصْحٰبُ النَّارِ

انهن کان سندن جانيون اهي ئي بدڪار آهن. نہ برابر ٿيندا دوزخ وارا

اِهي ئي بيدين آهن. دوزخي ۽ بهشتي (پاڻ ۾) برابر نہ آهن.

وَاَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ؕ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمُ الْفَآئِزُوْنَ ﴿٢٠﴾ لَوْ اَنْزَلْنَا

۽ بهشت وارا. صاحب بهشت جا اهي ئي مراد ماڻيندڙ آهن. جيڪڏهن لاهيون ها

بهشتي ئي مراد ماڻيندڙ آهن. جيڪڏهن هن قرآن کي ڪنهن جبل تي نازل

هٰذَا الْقُرْاٰنَ عَلٰى جَبَلٍ لَّرَاَيْتَهٗ خَاشِعًا مُّتَصَدِّعًا مِّنْ خَشْيَةِ

هيءُ قرآن ڪنهن جبل تي تہ ڏسين ها انکي دٻجي ويندڙ ڦاٽي پوندڙ ڊپ

ڪريون ها تہ ضرور ان کي الله جي خوف کان عاجزي ڪندڙ پرزا پرزا ٿيل

اللّٰهِ ؕ وَتِلْكَ الْاَمْثَالُ نَضْرِبُهَا لِلنَّاسِ لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ ﴿٢١﴾

الله جي کان. ۽ اهي مثال پڌائيندا آهيون ماڻهن کي تہ مَن اهي ڌيان ڪن.

ڏسين ها ۽ اِهي مثال ماڻهن لاءِ بيان ڪريون ٿا تہ مَن اهي سوچ ڪن.

هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ ۚ هُوَ

اهو الله آهي جو ناهي ڪوبہ عبادت جي لائق سواءِ انجي، ڄاڻندڙ ڳجھ ۽ ظاهر ڪي، اهو

الله اهو آهي جنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق ئي نہ آهي. (جو) ڳجھہ ۽ ظاهر جو ڄاڻندڙ آهي. اهو

الرَّحْمٰنُ الرَّحِيْمُ ﴿٢٢﴾ هُوَ اللّٰهُ الَّذِيْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ۚ اَلْمَلِكُ

ٻاجهارو مهربان آهي. اهو الله آهي جو ناهي ڪوبہ عبادت جي لائق سواءِ ان جي. بادشاهه

ٻاجهارو مهربان آهي. الله اهو آهي جنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق ئي نہ آهي، (جو) بادشاهه.

الْقُدُّوْسُ السَّلٰمُ الْمُؤْمِنُ الْمُهَيْمِنُ الْعَزِيْزُ الْجَبَّارُ الْمُتَكَبِّرُ ؕ

پاڪ ذات سلامتي ڏيندڙ امن ڏيندڙ نگهبان زبردست جهڪائيندڙ وڏي وڏائي وارو.

تمام پاڪ ذات، (سڀني عيبن کان) سلامت، امن ڏيڻ وارو، نگهبان، غالب، زبردست وڏائيءَ جو سائين آهي.

سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يُشْرِكُوْنَ ﴿٢٣﴾ هُوَ اللّٰهُ الْخَالِقُ الْبَارِئُ الْمُصَوِّرُ لَهُ الْاَسْمَآءُ

پاڪ آهي الله انهن جي شريڪ ڪرڻ کان. اهو الله پيدا ڪندڙ نئون بڻائيندڙ شڪليون ٺاهيندڙ آهي انجا سڀ نالا

انهن جي شريڪ مقرر ڪرڻ کان الله پاڪ آهي. اهو الله خلقڻهار نئون بڻائيندڙ شڪليون ٺاهيندڙ آهي. ان جا (سڀ) سهڻا نالا آهن.

ع٣ ٢٧ ٢

الْحُسْنٰى ؕ يُسَبِّحُ لَهٗ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿٢٤﴾ ع

چڱا آهن، پاڪائي پڙهن ٿا ان جي جيڪي به آسمانن ۽ زمين ۾ آهن، ۽ اهوئي زبردست دانائيءَ وارو آهي.

جيڪي (به) آسمانن ۽ زمين ۾ آهن سي (سڀ) سندس پاڪائي بيان ڪندا آهن ۽ اُهو غالب حڪمت وارو آهي.

سُوْرَةُ الْمُمْتَحِنَةِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ — اٰيَاتُهَا ١٣ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تَتَّخِذُوْا عَدُوِّىْ وَعَدُوَّكُمْ اَوْلِيَآءَ

اي ايمان وارو! نه وٺو دشمن منهنجا ۽ دشمن پنهنجا دوست ڪري

اي ايمان وارو! منهنجي دشمن ۽ پنهنجي دشمن کي دوست (ڪري) نه وٺو. انهن ڏانهن دوستيءَ

تُلْقُوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ وَقَدْ كَفَرُوْا بِمَا جَآءَكُمْ مِّنَ الْحَقِّ ۚ

رسائي ٿا ڪريو، انهن ڏانهن دوستي جي ڪري هوڏانهن انڪار ڪيائون ان جو جيڪي آيو توهان وٽ سچو دين،

جا پيغام موڪليو ٿا. حالانڪ جيڪي اوهان وٽ سچو دين آيو آهي، تنهن جا (اُهي) منڪر ٿي چڪا آهن.

يُخْرِجُوْنَ الرَّسُوْلَ وَاِيَّاكُمْ اَنْ تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ رَبِّكُمْ ؕ اِنْ

ڪڍن ٿا وطن مان رسول کي ۽ توهان کي هن ڪري جو مڃيو ٿا الله پنهنجي رب کي، جيڪڏهن

پيغمبر کي ۽ اوهان کي (پنهنجن ديسن مان) هن ڪري لوڏين ٿا جو پنهنجي پالڻهار الله تي ايمان آندو اٿو.

كُنْتُمْ خَرَجْتُمْ جِهَادًا فِىْ سَبِيْلِىْ وَابْتِغَآءَ مَرْضَاتِىْ

نڪتا آهيو اوهان لڙائيءَ لاءِ منهنجي راهه ۾ ۽ طلبڻ رضا منهنجي لاءِ

(کين دوست ڪري نه وٺو) جيڪڏهن (خاص) منهنجيءَ واٽ ۾ جهاد ڪرڻ لاءِ ۽ منهنجي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ (پنهنجن ديسن مان) نڪتا آهيو.

تُسِرُّوْنَ اِلَيْهِمْ بِالْمَوَدَّةِ ۖ وَاَنَا اَعْلَمُ بِمَآ اَخْفَيْتُمْ وَمَآ

ڳجهي موڪليو ٿا انهن ڏانهن دوستي ۽ آءٌ چاڻان ٿو اهو جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي

انهن ڏانهن دوستيءَ جو ڳجهو پيغام (ڇو) ٿا موڪليو؟ حالانڪ جيڪي لڪايو ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪريو ٿا، سو آءٌ

اَعْلَنْتُمْ ؕ وَمَنْ يَّفْعَلْهُ مِنْكُمْ فَقَدْ ضَلَّ سَوَآءَ السَّبِيْلِ ﴿١﴾

ظاهر ڪريو ٿا، ۽ جيڪو ڪندو اهو ڪم اوهان مان ته بيشڪ ڀلجي ويو سڌي رستي کان.

چڱيءَ طرح ڄاڻندو آهيان. ۽ اوهان مان جيڪو اِهو (ڪم) ڪندو سو بيشڪ سڌو رستو ڀليو.

اِنْ يَّثْقَفُوْكُمْ يَكُوْنُوْا لَكُمْ اَعْدَآءً وَّيَبْسُطُوْٓا اِلَيْكُمْ اَيْدِيَهُمْ

جيڪڏهن لهندا توهان کي ٿيندا توهان جا دشمن ۽ ڊگها ڪندا توهان ڏانهن هٿ پنهنجا

جيڪڏهن (ڪافر) اوهان کي (ڪٿي به) لهندا ته اوهان جا (پڪا) ويري هوندا ۽ اوهان ڏانهن پنهنجا هٿ

وَاَلْسِنَتَهُمْ بِالسُّوْٓءِ وَوَدُّوْا لَوْ تَكْفُرُوْنَ ؕ﴿٢﴾ لَنْ تَنْفَعَكُمْ اَرْحَامُكُمْ
۽ زبانون پنهنجون برائي سان ۽ چاهين ٿا ته جيڪر توهان به ڪافر ٿيو. هرگز نه فائدو ڏينديون توهان کي مائٽيون توهانجون
۽ پنهنجون زبانون ايذاءَ لاءِ ڊگهيون ڪندا ۽ گهرندا ته جيڪر (ڪنهن طرح اوهين) ڪافر ٿيو. ڪڏهن به اوهان کي اوهان جا مائٽ

وَلَآ اَوْلَادُكُمْ ۚۛ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۚۛ يَفْصِلُ بَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ بِمَا
۽ نڪي اولاد توهان جي، قيامت ڏينهن، فيصلو ڪندو توهانجي وچ ۾، ۽ الله توهان جي
۽ نڪي اوهان جو اولاد قيامت جي ڏينهن ڪو فائدو ڏيندو، اوهان جي وچ ۾ (الله) فيصلو ڪندو ۽

تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ﴿٣﴾ قَدْ كَانَتْ لَكُمْ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ فِيْٓ اِبْرٰهِيْمَ
عملن کي ڏسندڙ آهي. بيشڪ آهي اوهان لاءِ پيروي سُٺي ابراهيم ۾
جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو سو الله ڏسندڙ آهي. بيشڪ ابراهيم ۽ جيڪي ساڻس هئا تن (جي ڳالهين) ۾ اوهان لاءِ چڱي

وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ ۚ اِذْ قَالُوْا لِقَوْمِهِمْ اِنَّا بُرَءٰٓؤُا مِنْكُمْ وَمِمَّا
۽ انهن ۾ جيڪي ان سان گڏ هئا، جڏهن چيائون پنهنجي قوم کي ته يقينن اسان بيزار آهيون توهان کان ۽ انهن کان جنکي
پيروي آهي، جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائون ته، بيشڪ اسين اوهان کان ۽ جن کي الله کان سواءِ (اوهين) پوڄيندا آهيو

تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ۫ كَفَرْنَا بِكُمْ وَبَدَا بَيْنَنَا وَبَيْنَكُمُ
پوڄيندا آهيو الله کانسواءِ انڪار ڪيوسون توهان جو ۽ پڌري ٿي اسان ۽ توهان جي وچ ۾
تن کان بيزار آهيون، اوهان جا منڪر ٿي چڪاسون ۽ اسان جي ۽ اوهان جي وچ ۾ هميشه دشمني

الْعَدَاوَةُ وَالْبَغْضَآءُ اَبَدًا حَتّٰى تُؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ وَحْدَهٗٓ اِلَّا
دشمني ۽ ڪاوڙ هميشه لاءِ جيسين ايمان آڻيو الله اڪيلي تي سواءِ
۽ وير (ايستائين) پڌرو ٿي چڪو جيستائين هڪ الله تي ايمان (نه) آڻيندو پر ابراهيم جو

قَوْلَ اِبْرٰهِيْمَ لِاَبِيْهِ لَاَسْتَغْفِرَنَّ لَكَ وَمَآ اَمْلِكُ لَكَ مِنَ اللّٰهِ
هڪ ڳالهه ابراهيم جي پنهنجي پيءُ لاءِ ته ضرور معافي گهرندس تو لاءِ حالانڪ ناهيان مالڪ تو لاءِ الله وٽان
پنهنجي پيءُ کي (هيءُ) چوڻ (پيروي جوڳو نه آهي) ته تو لاءِ ضرور بخشش گهرندس ۽ الله وٽان تو لاءِ

مِنْ شَيْءٍ ؕ رَبَّنَا عَلَيْكَ تَوَكَّلْنَا وَاِلَيْكَ اَنَبْنَا وَاِلَيْكَ
ڪنهن شيءِ جو، اي رب اسانجا تو تي ڀروسو ڪيوسون ۽ توڏانهن موٽياسون ۽ توڏانهن ئي
ڪجهه به نه ٿو ڪري سگهان (ابراهيم ۽ سندس سائين چيو ته) اي اسان جا پالڻهار! تو تي ڀروسو ڪيوسون ۽ توڏانهن موٽياسون

الْمَصِيْرُ ﴿٤﴾ رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَاغْفِرْ لَنَا
موٽڻ آهي. اي رب اسان جا نه ڪر اسان کي زيردست ڪافرن جو ۽ بخش اسان کي
۽ توڏانهن (ئي) موٽڻو آهي. اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ڪافرن جو زيردست نه ڪر! ۽ اي اسان جا پالڻهار!

معانقة ١٢ النبي ع الوقف على القيمة، عند المتأخرين،

رَبَّنَا ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ۝٥ لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْهِمْ
اي رب اسان جا. بيشڪ تون ئي زبردست حڪمت وارو آهين. يقينن آهي توهان لاءِ انهن ۾
اسان کي بخش! چو تہ تون ئي غالب حڪمت وارو آهين. بيشڪ انهيءَ (مٿينءَ) جماعت ۾ چڱي پيروي اوهان

اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ يَرْجُوا اللّٰهَ وَالْيَوْمَ الْاٰخِرَ ؕ وَمَنْ
پيروي چڱي ان ماڻهوءَ لاءِ جيڪو اميد رکي ٿو الله ۾ ۽ ڏينهن قيامت ۾، ۽ جيڪو
مان انهي لاءِ آهي، جيڪو الله (جي ملاقات) ۽ قيامت جي ڏينهن (جي اچڻ) جي اميد رکندو هجي ۽ جيڪو

يَّتَوَلَّ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ الْغَنِيُّ الْحَمِيْدُ ۝٦ عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّجْعَلَ
منهن ڦيريندو پوءِ الله بي پرواھ ساراهيل آهي. اميد آهي تہ الله ڪري
منهن موڙيندو تہ بيشڪ الله سڀ کان بي پرواھ ساراهيل آهي. ويجهو آهي تہ الله اوهان جي

بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الَّذِيْنَ عَادَيْتُمْ مِّنْهُمْ مَّوَدَّةً ؕ وَاللّٰهُ قَدِيْرٌ ؕ
توهان جي وچ ۾ ۽ انهن جي وچ ۾ جن جا دشمن آهيو دوستي، ۽ الله ڪري سگهندڙ آهي،
۽ انهن جي وچ ۾ دوستي پيدا ڪري جن سان انهن منجهان دشمني رکي اٿوَ ۽ الله سگهارو آهي

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ۝٧ لَا يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ لَمْ
۽ الله گهڻو بخشيندڙ وڏي رحم وارو آهي. نہ ٿو روڪي توهان کي الله انهن کان جيڪي نہ
۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. الله اوهان کي انهن کان نہ ٿو جهلي جن اوهان سان

يُقَاتِلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَلَمْ يُخْرِجُوْكُمْ مِّنْ دِيَارِكُمْ اَنْ
وڙهيا توهان سان دين ۾ ۽ نہ ڪڍيائون توهان کي توهان جي گهرن مان تہ
دين (جي ڳالھ) ۾ نڪي جنگ ڪئي آهي ۽ نڪي اوهان جي گهرن مان اوهان کي (ٻاهر) ڪڍيو آهي تہ

تَبَرُّوْهُمْ وَتُقْسِطُوْٓا اِلَيْهِمْ ؕ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ۝٨ اِنَّمَا
انهن سان مهرباني ڪريو ۽ انصاف سان هلون، بيشڪ الله چاهي ٿو انصاف ڪندڙن کي. رڳو
ساڻن احسان ڪريو ۽ سندن حق ۾ انصاف ڪريو، چو تہ الله انصاف ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي.

يَنْهٰىكُمُ اللّٰهُ عَنِ الَّذِيْنَ قٰتَلُوْكُمْ فِي الدِّيْنِ وَاَخْرَجُوْكُمْ
جهلي ٿو توهان کي الله انهن کان جن ويڙھ ڪئي توهان سان دين ۾ ۽ تڙيائون توهان کي
الله اوهان کي رڳو انهن کان جهلي ٿو جن اوهان سان دين بابت ويڙھ ڪئي آهي ۽ اوهان کي اوهان جي گهرن مان

مِّنْ دِيَارِكُمْ وَظٰهَرُوْا عَلٰٓى اِخْرَاجِكُمْ اَنْ تَوَلَّوْهُمْ ۚ وَمَنْ
توهان جي گهرن مان ۽ مدد ڪيائون توهان جي ڪڍڻ ۾ جو دوستي رکو انهن سان، ۽ جيڪي
(ٻاهر) ڪڍيو آهي ۽ اوهان جي ڪڍڻ ۾ (ٻين جي) مدد ڪئي آهي، (هن ڪان جهلي ٿو) تہ ساڻن دوستي

يَّتَوَلَّهُمْ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الظّٰلِمُوْنَ ⑨ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا
دوستي رکندا انهن سان ۔ پوءِ اهي ئي ۔ ظلم ڪندڙ آهن. ۔ اي ايمان وارو! ۔ جڏهن
رکو ۽ جيڪي ساڻن دوستي رکندا سي ئي ظالم آهن. اي ايمان وارو! جڏهن اوهان وٽ
جَآءَكُمُ الْمُؤْمِنٰتُ مُهٰجِرٰتٍ فَامْتَحِنُوْهُنَّ ؕ اَللّٰهُ اَعْلَمُ بِاِيْمَانِهِنَّ ۚ
اچن توهان وٽ ۔ مسلمان عورتون ۔ هجرت ڪري ۔ جاچ وٺو انهن جي، ۔ الله ۔ وڌيڪ ڄاڻي ٿو ۔ سندن ايمان کي،
مومنياڻيون وطن ڇڏي اچن تڏهن کين پرکيو. الله انهن جي ايمان کي چڱو ڄاڻيندڙ آهي،
فَاِنْ عَلِمْتُمُوْهُنَّ مُؤْمِنٰتٍ فَلَا تَرْجِعُوْهُنَّ اِلَى الْكُفَّارِ ؕ
پوءِ جيڪڏهن ۔ توهان سمجهو ٿا انهنکي ۔ ايمان تي ۔ ته نه ۔ موٽايو انهن کي ۔ ڪافرن ڏانهن،
پوءِ جيڪڏهن کين (پڪ) مومنياڻيون ڄاڻو (ته) انهن کي ڪافرن ڏانهن موٽائي نه موڪليو نڪي اهي (مسلمان زالون)
لَا هُنَّ حِلٌّ لَّهُمْ وَلَا هُمْ يَحِلُّوْنَ لَهُنَّ ؕ وَاٰتُوْهُمْ مَّآ اَنْفَقُوْا ؕ
ناهن ۔ اهي ۔ حلال ۔ انهن ڪافرن لاءِ نڪي ۔ اهي ۔ حلال ٿيندا ۔ انهن عورتن لاءِ، ۔ ۽ ڏيو انهن کي جيڪي مهر ڏنائون،
پوءِ انهن (جي مڙسن ڪافرن) کي حلال آهن ۽ نڪي اهي (ڪافر مڙس) انهن (مسلمان زالن) کي حلال آهن ۽ جيڪي (ڪابين بابت) خرچ ڪيائون سو
وَلَا جُنَاحَ عَلَيْكُمْ اَنْ تَنْكِحُوْهُنَّ اِذَآ اٰتَيْتُمُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ؕ
۽ ناهي ۔ گناهه ۔ توهان تي ۔ جو ۔ شادي ڪريو انهن سان ۔ جڏهن ۔ ڏيو انهن کي ۔ سندن مهر،
انهن (مڙسن) کي ڏيو ۽ جڏهن کين سندن ڪابين ڏيو (تڏهن) انهن جي نڪاح ڪرڻ ۾ اوهان تي (ڪو) گناهه نه آهي
وَلَا تُمْسِكُوْا بِعِصَمِ الْكَوَافِرِ وَسْـَٔلُوْا مَآ اَنْفَقْتُمْ وَلْيَسْـَٔلُوْا
۽ نه ۔ بند ڪريو ۔ شاديون ۔ ڪافر زالن جون ۔ ۽ گهري وٺو ۔ جيڪي توهان خرچ ڪيو ۔ ۽ ڀل اهي به گهرن
۽ (پنهنجين زالن) ڪافرياڻين جو قبضو بند نه رکو، ۽ جيڪي اوهان (پنهنجين زالن تي ڪابين) خرچ ڪئي هجي سا (انهن کان) گهرو ۽ جيڪي انهن
مَآ اَنْفَقُوْا ؕ ذٰلِكُمْ حُكْمُ اللّٰهِ ؕ يَحْكُمُ بَيْنَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيْمٌ
جيڪي انهن خرچ ڪيو، ۔ اهو ۔ فيصلو ۔ الله جو آهي، ۔ فيصلو ڪري ٿو ۔ توهان ۾، ۔ ۽ ۔ الله ۔ ڄاڻندڙ
(ڪافرن پنهنجين زالن تي) خرچ ڪيو سو ڀلي ته اهي (اوهان کان) گهرن. اهو الله جو حڪم آهي، جو اوهان جي وچ ۾ فيصلو ٿو ڪري ۽ الله ڄاڻندڙ
حَكِيْمٌ ⑩ وَاِنْ فَاتَكُمْ شَيْءٌ مِّنْ اَزْوَاجِكُمْ اِلَى الْكُفَّارِ فَعَاقَبْتُمْ
حڪمت وارو آهي. ۔ ۽ جيڪڏهن ۔ وئي هلي اوهان کان ۔ ڪا ۔ اوهان جي زالن مان ۔ ڪافرن ڏانهن ۔ پوءِ بدلو ورتو اٿوَ
حڪمت وارو آهي. ۽ جيڪڏهن اوهان جي زالن مان ڪا (اوهان جي هٿن مان) ڪافرن ڏانهن (مرتد ٿي) وئي هجي (۽) پوءِ (ڪافرن کي) ايذايو (۽ لٽيو)
فَاٰتُوا الَّذِيْنَ ذَهَبَتْ اَزْوَاجُهُمْ مِّثْلَ مَآ اَنْفَقُوْا ؕ وَاتَّقُوا اللّٰهَ
ته ڏيو ۔ انهن کي ۔ ويون ۔ جن جون زالون ۔ اوترو ۔ جيڪو ۔ خرچ ڪيو اٿن، ۔ ۽ ڊڄو ۔ الله کان
ته پوءِ جن جون زالون ويون هجن، تن کي (اُن مال مان) اوترو ڏيو جيترو انهن (ڪابين ۾) خرچ ڪيو هو ۽ انهيءَ الله کان ڊڄو

الَّذِیْٓ اَنْتُمْ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿١١﴾ یٰٓاَیُّهَا النَّبِیُّ اِذَا جَآءَكَ الْمُؤْمِنٰتُ

جنهن تي اوهان يقين رکندڙ آهيو. اي نبي جڏهن اچن تو وٽ مسلمان عورتون

جنهن تي اوهين ويساه رکندڙ آهيو. اي پيغمبرا جڏهن تو وٽ مومنياڻيون اچي هن (شرط) تي.

یُبَایِعْنَكَ عَلٰٓی اَنْ لَّا یُشْرِكْنَ بِاللّٰهِ شَیْـًٔا وَّلَا یَسْرِقْنَ وَلَا یَزْنِیْنَ

اقرار ڪرڻ توسان هن تي جو نه شريڪ ڪنديون الله سان ڪنهن کي ۽ نه چوري ڪنديون ۽ نه زنا ڪنديون

توسان بيعت ڪن تہ ڪنهن کي الله سان شريڪ (مقرر) نہ ڪنديون ۽ نڪي چوري ڪنديون ۽ نڪي زنا ڪنديون

وَلَا یَقْتُلْنَ اَوْلَادَهُنَّ وَلَا یَاْتِیْنَ بِبُهْتَانٍ یَّفْتَرِیْنَهٗ بَیْنَ

۽ نہ قتل ڪنديون پنهنجا ٻچا ۽ نہ هٿنديون تهمت جا گهڙن ٿيون

۽ نڪي پنهنجي اولاد کي ڪهنديون ۽ نڪي اهڙي ڪوڙي تهمت آڻينديون. جنهن کي پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن

اَیْدِیْهِنَّ وَاَرْجُلِهِنَّ وَلَا یَعْصِیْنَكَ فِیْ مَعْرُوْفٍ فَبَایِعْهُنَّ

پنهنجي هٿن ۽ پيرن سان ۽ نہ بي فرماني ڪنديون ڀلي ڪم ۾ پوءِ بيعت وٺ انهن جي

پيرن سان ٺاهيو هجين ۽ نڪي ڪنهن چڱي ڪم ۾ تنهنجي نافرماني ڪنديون تہ (تڏهن) سندن بيعت قبول ڪر

وَاسْتَغْفِرْ لَهُنَّ اللّٰهَ ؕ اِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ ﴿١٢﴾ یٰٓاَیُّهَا الَّذِیْنَ

۽ معافي گهر انهن لاءِ . الله کان، بيشڪ الله بخشيندڙ مهربان آهي. اي ايمان

۽ انهن لاءِ الله کان بخشش گهرا چو تہ الله بخشڻهار مهربان آهي. اي ايمان وارؤ! اوهين اُنهيءَ قوم

اٰمَنُوْا لَا تَتَوَلَّوْا قَوْمًا غَضِبَ اللّٰهُ عَلَیْهِمْ قَدْ یَىِٕسُوْا مِنَ

وارؤ! نہ دوستي رکو اهڙي قوم سان جو ڪاوڙيو آهي الله انهن تي اهي نااميد ٿيا آهن

سان دوستي نہ رکو، جنهن تي الله ڏمريو آهي، بيشڪ اهي آخرت (جي ثواب) کان (اهڙو) نااميد

الْاٰخِرَةِ كَمَا یَىِٕسَ الْكُفَّارُ مِنْ اَصْحٰبِ الْقُبُوْرِ ﴿١٣﴾ ع

آخرت کان جيئن نااميد ٿيا ڪافر قبرن وارا.

ٿيا آهن، جهڙوڪ ڪافر قبرن وارن کان نااميد ٿيا آهن.

النصف ع ٢ ٧

سُوْرَةُ الصَّفِّ مَدَنِیَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ — اٰیَاتُهَا ١٤ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

سَبَّحَ لِلّٰهِ مَا فِی السَّمٰوٰتِ وَمَا فِی الْاَرْضِ ۚ وَهُوَ الْعَزِیْزُ

پاڪائي پڙهي الله لاءِ هر شيءِ جا آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪا زمين ۾ آهي، ۽ اهو زبردست

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي ۽ اهو غالب

الۡحَكِيۡمُ ① يٰۤاَيُّهَا الَّذِيۡنَ اٰمَنُوۡا لِمَ تَقُوۡلُوۡنَ مَا لَا تَفۡعَلُوۡنَ ②
حڪمت وارو آهي. اي ايمان وارو! ڇو ٿا چئو اهاشيء جا نہ ٿا ڪريو.
حڪمت وارو آهي. اي ايمان وارو! جيڪي نہ ڪندا آهيو سو (زبان سان) ڇو چوندا آهيو؟. الله وٽ اها

كَبُرَ مَقۡتًا عِنۡدَ اللّٰهِ اَنۡ تَقُوۡلُوۡا مَا لَا تَفۡعَلُوۡنَ ③ اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ
وڏي بيزاري آهي الله وٽ هن ڳالھ جي چئو ٿا جيڪي نہ ٿا ڪريو. يقينن الله دوستي رکي ٿو
(ڳالھ) ڏاڍي ناپسند آهي، جو (ٻين کي) اها (ڳالھ) چئو، جا (پاڻ) نہ ڪريو. بيشڪ الله انهن کي

الَّذِيۡنَ يُقَاتِلُوۡنَ فِىۡ سَبِيۡلِهٖ صَفًّا كَاَنَّهُمۡ بُنۡيَانٌ مَّرۡصُوۡصٌ ④
انهن سان جي وڙهن ٿا ان جي راھ ۾ صفون ٻڌي ڄڻ تہ اهي آهن پِٽ سيهي پر ٽيل.
دوست رکندو آهي، جيڪي سندس واٽ ۾ (اهڙي) صف ٻڌي وڙهندا آهن (جو) ڄڻڪ اهي هڪڙي شيهي پلٽيل پِٽ آهن.

وَاِذۡ قَالَ مُوۡسٰى لِقَوۡمِهٖ يٰقَوۡمِ لِمَ تُؤۡذُوۡنَنِىۡ وَقَدۡ تَّعۡلَمُوۡنَ
۽ جڏهن چيو موسىٰ پنهنجي قوم کي اي منهنجي قوم ڇو ٿا ايذايو مونکي ۽ ڄاڻو ٿا
۽ (ياد ڪر!) جڏهن موسىٰ پنهنجيءَ قوم کي چيو تہ، اي منهنجي قوم! مون کي ڇو ايذائيندا آهيو؟ ۽ بيشڪ (اوهين) ڄاڻندا آهيو

اَنِّىۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ ؕ فَلَمَّا زَاغُوۡۤا اَزَاغَ اللّٰهُ قُلُوۡبَهُمۡ ؕ وَاللّٰهُ
تہ آءٌ الله جو موڪليل آهيان توهان ڏانهن، پوءِ جڏهن ڦري ويا تہ ڦيرايو الله انهن جي دلين کي، ۽ الله
تہ آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل (رسول) آهيان، پوءِ جنهن مهل ڏنگائي ڪيائون (تنهن مهل) الله سندن دلين کي ڏنگو ڪيو

لَا يَهۡدِى الۡقَوۡمَ الۡفٰسِقِيۡنَ ⑤ وَاِذۡ قَالَ عِيۡسَى ابۡنُ مَرۡيَمَ
نہ ٿو راھ وٺائي قوم بدڪار کي، ۽ جڏهن چيو عيسىٰ پٽ مريم
۽ الله بدڪارن جي قوم کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي. ۽ (اهو وقت ياد ڪر!) جڏهن عيسىٰ پٽ مريم جي چيو

يٰبَنِىۡۤ اِسۡرَآءِيۡلَ اِنِّىۡ رَسُوۡلُ اللّٰهِ اِلَيۡكُمۡ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيۡنَ
اي بني اسرائيل! آءٌ موڪليل آهيان الله جو توهان ڏي سچو چوندڙ انکي جيڪو مون کان
تہ، اي بني اسرائيلو! بيشڪ آءٌ اوهان ڏانهن الله جو موڪليل (رسول) آهيان، جيڪو توريت منهنجي اڳيان آهي، تنهن جو سچو ڪندڙ آهيان

يَدَىَّ مِنَ التَّوۡرٰىةِ وَمُبَشِّرًۢا بِرَسُوۡلٍ يَّاۡتِىۡ مِنۡۢ بَعۡدِى اسۡمُهٗۤ
اڳي آهي توراة ۽ خوشخبري ڏيندڙ رسول جي جيڪو ايندو مون کان پوءِ جنهن جو نالو
۽ هڪ اهڙي پيغمبر جي خوشخبري ڏيندڙ آهيان، جو مون کان پوءِ ايندو، جنهن جو نالو احمد هوندو.

اَحۡمَدُ ؕ فَلَمَّا جَآءَهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ قَالُوۡا هٰذَا سِحۡرٌ مُّبِيۡنٌ ⑥
احمد آهي، پوءِ جڏهن آيو انهن وٽ معجزن سان چيائون هي آهي جادو پڌرو.
پوءِ جنهن مهل (اهو احمد ﷺ) چٽن معجزن سان وٽن آيو، (تنهن مهل) چيائون تہ هيءُ پڌرو جادو آهي.

وَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰی عَلَی اللّٰهِ الْكَذِبَ وَهُوَ يُدْعٰۤى

۽ كير وڏو ظالم آهي ان کان جنهن گهڙيو الله تي ڪوڙ هوڏانهن انکي سڏيو وڃي ٿو

۽ ان کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ جنهن الله تي ڪوڙ ٻڌو، حالانڪ ان کي اسلام ڏانهن سڏيو

اِلَى الْاِسْلَامِؕ وَاللّٰهُ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ⑦ۚ يُرِيْدُوْنَ

اسلام ڏانهن، ۽ الله نہ ٿو راهہ ڏيکاري ظالم قوم کي. اهي گهرن ٿا

ويندو آهي ۽ الله ظالمن جي قوم کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي. (اهي ڪافر) گهرندا آهن

لِيُطْفِـُٔوْا نُوْرَ اللّٰهِ بِاَفْوَاهِهِمْؕ وَاللّٰهُ مُتِمُّ نُوْرِهٖ وَلَوْ كَرِهَ

تہ وسائن الله جو نور پنهنجي وڪن سان ۽ الله پورو ڪندڙ آهي پنهنجي نور کي توڙي جو نہ ٿا چاهين

تہ الله جي نور کي پنهنجن واتن سان وسائين، حالانڪ الله پنهنجي نور کي پوري ڪرڻ وارو آهي، توڙيڪ

الْكٰفِرُوْنَ ⑧ هُوَ الَّذِیْۤ اَرْسَلَ رَسُوْلَهٗ بِالْهُدٰى وَدِيْنِ الْحَقِّ

ڪافر. هو اهو آهي جنهن موڪليو پنهنجي رسول کي هدايت ۽ دين سچي سان

ڪافرن کي بڇان لڳي. (الله) اهو آهي جنهن پنهنجي پيغمبر کي هدايت ۽ سچي دين سان موڪليو

لِيُظْهِرَهٗ عَلَى الدِّيْنِ كُلِّهٖ وَلَوْ كَرِهَ الْمُشْرِكُوْنَ ⑨ع يٰۤاَيُّهَا ع ٩/١

جيئن غالب ڪري انکي دينن سڀني تي جيتوڻيڪ پسند نہ ٿا ڪن مشرڪ. اي اهي جن

تہ ان کي سڀني دينن تي غالب ڪري توڙيڪ مشرڪ بڇان پائين. اي ايمان وارؤ!

الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى تِجَارَةٍ تُنْجِيْكُمْ مِّنْ عَذَابٍ

ايمان آندو ڇا آءٌ ڏَسُ ڏيان توهانکي اهڙي واپار تي جو ڇڏائي توهان کي عذاب

اوهان کي اهڙيءَ واپار جو ڏس (نہ) ڏيان ڇا جو اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچائي؟

اَلِيْمٍ ⑩ تُؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَتُجَاهِدُوْنَ فِىْ سَبِيْلِ اللّٰهِ

ڏکوئيندڙ کان. مڃيو الله کي ۽ ان جي رسول کي ۽ جنگ ڪريو الله جي واٽ ۾

(يعني) الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ پنهنجن مالن ۽ پنهنجين جانين سان

بِاَمْوَالِكُمْ وَاَنْفُسِكُمْؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ⑪ۙ

مالن پنهنجن ۽ سرن پنهنجن سان، اهو اٿوَ تمام ڀلو اوهان لاءِ جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو.

الله جي واٽ ۾ جهاد ڪريو. جيڪڏهن ڄاڻندا آهيو تہ اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي.

يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ وَيُدْخِلْكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهَا

تہ بخشي توهان کي گناهہ توهانجا ۽ پهچائي توهانکي باغن ۾ جو وهن ٿيون انهن هيٺان

(جيڪڏهن ائين ڪندوَ تہ الله) اوهان جا گناهہ اوهان کي بخشيندو ۽ اوهان کي (اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن

الْاَنْهٰرُ وَمَسٰكِنَ طَيِّبَةً فِيْ جَنّٰتِ عَدْنٍ ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٢﴾ لا

واهيون ۽ گهرن پڪن ۾ باغن رهڻ وارن ۾، اها ڪاميابي وڏي آهي.

جي هيٺان نهرون وهنديون آهن ۽ سٺين جاين هميشه (رهڻ) وارن بهشتن ۾. اها وڏي ڪاميابي آهي.

وَاُخْرٰى تُحِبُّوْنَهَا ؕ نَصْرٌ مِّنَ اللّٰهِ وَفَتْحٌ قَرِيْبٌ ؕ وَبَشِّرِ

۽ ڪجهه ٻيو به جنهنکي توهان چاهيو ٿا، مدد الله جي ۽ سوڀ ويجهي ۽ خوشخبري ڏي

۽ ٻي (نعمت به ڏيندو) جنهن کي پسند ڪندا آهيو (اها نعمت) الله جي طرف کان مدد ۽ سوڀ آهي (جا) ويجهي (ٿيڻي) آهي

الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣﴾ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُوْنُوْۤا اَنْصَارَ اللّٰهِ كَمَا قَالَ

ايمان وارن کي. اي اهي جن ايمان آندو ٿي پئو مددگار الله (جي دين) جا جيئن چيو هو

۽ مومنن کي خوشخبري ڏي. اي ايمان وارو! (اوهين) الله جي دين جا مددگار ٿيو جهڙيءَ طرح

عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ لِلْحَوَارِيّٖنَ مَنْ اَنْصَارِيْۤ اِلَى اللّٰهِ ؕ قَالَ

عيسيٰ بن مريم دوستن کي! ڪير آهن ساٿ ڏيندڙ منهنجو الله جي طرف. چيو

عيسيٰ پٽ مريم جي پنهنجن خاص يارن کي چيو ته، الله (جي دين) ڏانهن (مهاڙ ڪري) منهنجا مددگار ڪير آهن؟ انهن

الْحَوَارِيُّوْنَ نَحْنُ اَنْصَارُ اللّٰهِ فَاٰمَنَتْ طَّآئِفَةٌ مِّنْۢ بَنِيْۤ

انهن يارن اسين آهيون ساٿ ڏيندڙ الله جا پوءِ ايمان آندو هڪ ٽولي بني

خاص يارن چيو ته، اسين الله (جي دين) جا مددگار آهيون. پوءِ بني اسرائيلن

اِسْرَآءِيْلَ وَكَفَرَتْ طَّآئِفَةٌ ۚ فَاَيَّدْنَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا عَلٰى

اسرائيل جي ۽ ڪفر ڪيو ٻئي ٽولي، پوءِ اسان مدد ڪئي ايمان وارن جي سندن

مان هڪ ٽوليءَ ايمان آندو ۽ ٻيءَ ٽوليءَ انڪار ڪيو تنهن ڪري ايمان وارن کي سندن دشمنن تي

عَدُوِّهِمْ فَاَصْبَحُوْا ظٰهِرِيْنَ ﴿١٤﴾ ع

دشمن تي پوءِ ٿي پيا غلبو ڪندڙ.

غلبو ڏنوسون، پوءِ غالب ٿي پيا.

ع ٥

سُوْرَةُ الْجُمُعَةِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١١ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ الْمَلِكِ الْقُدُّوْسِ

پاڪائي پڙهي ٿو الله جي جو ڪجهه آسمانن ۾ ۽ جو ڪجهه زمين ۾ آهي اهو بادشاهه پاڪ ذات

جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، (جو) بادشاهه، تمام پاڪ (ذات).

اَلْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ① هُوَ الَّذِيْ بَعَثَ فِي الْاُمِّيّٖنَ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ

زبردست داناءِ وارو آهي. اهوئي آهي جنهن اتاريو اڻ پڙهين ۾ وڏو رسول انهن مان جيڪو

غالب حڪمت وارو آهي. (الله) اهو آهي جنهن اڻ پڙهيلن ۾ انهن (جي قوم) مان هڪ پيغمبر پيدا ڪيو

يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيٰتِهٖ وَ يُزَكِّيْهِمْ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتٰبَ وَ الْحِكْمَةَ ق وَ

پڙهي ٿو انهن تي آيتون ان جون ۽ سڌاري ٿو انهن کي ۽ سيکاري ٿو انهن کي قرآن ۽ دانائي ۽

جو وٽن سندس آيتون پڙهندو آهي ۽ کين پاڪ ڪندو آهي ۽ کين ڪتاب ۽ دانائي سيکاريندو آهي ۽

اِنْ كَانُوْا مِنْ قَبْلُ لَفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ② لا وَّ اٰخَرِيْنَ مِنْهُمْ لَمَّا

بيشڪ هئا اهي انهيءَ کان اڳ گمراهي پڌري ۾، ۽ ٻين انهن لاءِ بہ جيڪي

بيشڪ اهي (هن کان) اڳ پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هُيا. ۽ انهن (بني آدم) مان ٻين (قومن) لاءِ (بہ)، جي

يَلْحَقُوْا بِهِمْ ط وَ هُوَ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ③ ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ

اڃا نہ ڳنڍيا آهن انهن سان، ۽ اهو زبردست حڪمت وارو آهي. اهو فضل الله جو آهي نصيب ڪري

اڃا انهن (مسلمانن) سان نہ مليا آهن ۽ اهو غالب حڪمت وارو آهي. اهو الله جو فضل آهي اهو انهيءَ کي ڏيندو آهي، جنهن کي

مَنْ يَّشَآءُ ط وَ اللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ④ مَثَلُ الَّذِيْنَ حُمِّلُوا

جنهن کي گهري، ۽ الله مهرباني وڏيءَ وارو آهي. مثال انهن جو جن کي کڻايو ويو

وڻندو اٿس ۽ الله وڏي فضل وارو آهي. جن (ماڻهن) کي توريت کڻايو ويو، پوءِ اهو نہ کنيائون (يعني اُن

التَّوْرٰىةَ ثُمَّ لَمْ يَحْمِلُوْهَا كَمَثَلِ الْحِمَارِ يَحْمِلُ اَسْفَارًا ط بِئْسَ

تورات پوءِ نہ عمل ڪيائون ان تي جهڙو مثال گڏهہ جو کڻي هلي ٿو ڪتابن کي، بڇڙو

موجب عمل نہ ڪيائون) تن جو مثال (انهيءَ) گڏهہ جي مثال وانگر آهي جو (گهڻا) ڪتاب کڻي،

مَثَلُ الْقَوْمِ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِ اللّٰهِ ط وَ اللّٰهُ لَا يَهْدِي الْقَوْمَ

مثال آهي انهن ماڻهن جو جن ڪوڙو ڄاتو الله جي آيتن کي، ۽ الله نہ ٿو راهہ ڏيکاري ظلم ڪندڙ

جن الله جي آيتن کي ڪوڙ ٿي پاتيون تنهن قوم جو مثال بڇڙو آهي ۽ الله ظالم ماڻهن کي سڌو رستو نہ ڏيکاريندو آهي.

الظّٰلِمِيْنَ ⑤ قُلْ يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ هَادُوْٓا اِنْ زَعَمْتُمْ اَنَّكُمْ اَوْلِيَآءُ

قوم کي. چئو اي اهي جيڪي يهودي ٿيا جيڪڏهن دم ٿا هڻو تہ اوهين دوست آهيو

(اي پيغمبر!) چئو تہ، اي يهوديو! جيڪڏهن پائيندا آهيو تہ ٻين (سڀني) ماڻهن کان سواءِ رڳو

لِلّٰهِ مِنْ دُوْنِ النَّاسِ فَتَمَنَّوُا الْمَوْتَ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ⑥

الله جا نہ ٻيا ماڻهو تہ پوءِ گهرو موت کي جيڪڏهن آهيو توهان سچا.

اوهين الله جا دوست آهيو تہ جيڪڏهن (انهيءَ ڳالهہ ۾ اوهين) سچا آهيو تہ موت گهرو.

وَلَا يَتَمَنَّوْنَهٗٓ اَبَدًاۢ بِمَا قَدَّمَتْ اَيْدِيْهِمْ ؕ وَاللهُ عَلِيْمٌۢ

۽ نہ گهرندا موت کي کڏهن بہ هن ڪري جو اڳي موڪليو آهي سندن هٿن، ۽ الله ڄاڻندڙ آهي

۽ جيڪي سندن هٿن اڳي موڪليو آهي، تنهن جي ڪري اهو ڪڏهن نہ گهرندا ۽ الله ظالمن کي ڄاڻندڙ آهي.

بِالظّٰلِمِيْنَ ⑦ قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِيْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِيْكُمْ

ڏوهارين کي. چؤ يقينن اهو موت جو ڀڄو ٿا انهيءَ کان اهو ملندو توهان کي

(اي پيغمبرا) چئو تہ، بيشڪ اهو موت جنهن کان ڀڄندا آهيو سو تہ ضرور اوهان کي پهچڻ وارو آهي، وري (اوهين)

ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ

پوءِ موٽايا ويندؤ ڄاڻندڙ ڳجهہ ۽ ظاهر ڏانهن پوءِ اهو خبر ڏيندو توهان کي ان جي جيڪي توهان

ڳجهہ ۽ ظاهر جي ڄاڻندڙ ڏانهن موٽايا ويندؤ پوءِ جيڪي (اوهين دنيا ۾) ڪندا هئو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو.

تَعْمَلُوْنَ ⑧ ع يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ ١ ع ٨ ١١

ڪم ڪندا هئا. اي ايمان وارو جڏهن بانگ ڏني وڃي نماز لاءِ جمعي جي

اي ايمان وارو! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ بانگ ڏني وڃي،

الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ؕ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ

ڏينهن تہ ڊوڙو الله جي ذڪر (نماز) ڏانهن ۽ ڇڏيو واپار کي، اهو ڀلو آهي توهان لاءِ

تڏهن الله جي ياد ڪرڻ ڏانهن ڊوڙو ۽ واپار ڇڏيو. جيڪڏهن (اوهين) ڄاڻندا آهيو تہ

اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ⑨ فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي

جيڪڏهن سمجهہ رکو ٿا. پوءِ جڏهن ادا ٿي وڃي نماز تہ پکڙجي پئو

اهو اوهان لاءِ ڀلو آهي. پوءِ جڏهن نماز پوري ڪئي وڃي، تڏهن زمين تي ڪنڌري وڃو

الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللهِ وَاذْكُرُوا اللهَ كَثِيْرًا

زمين ۾ ۽ تلاش ڪريو الله جو فضل (رزق) ۽ ياد ڪريو الله کي تمام گهڻو

۽ الله جي فضل (رزق) جي طلب ڪريو ۽ الله کي گهڻو ياد ڪريو تہ مَن اوهين ڇٽو. ۽

لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ⑩ وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْ لَهْوَا انْفَضُّوْٓا اِلَيْهَا

جيئن توهان ڇُٽي وڃو ۽ جڏهن ڪي ڏسن ٿا واپار کي يا راند کي تہ لهي ٿا پون ان ڏانهن

(اهي مسلمان) جڏهن ڪو سودو (هلندو) يا ڪو تماشو ڏسن ٿا (تڏهن) اُن ڏانهن ڊوڙي وڃن ٿا

وَتَرَكُوْكَ قَآئِمًا ؕ قُلْ مَا عِنْدَ اللهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ

۽ ڇڏي ٿا وڃن توکي بيٺندڙ، چؤ تہ جيڪي الله وٽ آهي اهو ڀلو آهي راند کان ۽

۽ (اي پيغمبرا) توکي (خطبي ۾) بيٺل ڇڏين ٿا (انهن کي) چئو تہ، جيڪي الله وٽ آهي، سو تماشي کان ۽ واپار کان

التِّجَارَةِ ؕ وَاللّٰهُ خَيْرُ الرّٰزِقِيْنَ ﴿١١﴾ ع

واپار کان. ۽ الله پالو رزق ڏيندڙ آهي.

(وڏيڪ) ڀلو آهي ۽ الله (سڀني) روزي ڏيندڙن کان ڀلو آهي.

سُوْرَةُ الْمُنٰفِقُوْنَ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١١ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

اِذَا جَآءَكَ الْمُنٰفِقُوْنَ قَالُوْا نَشْهَدُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُ اللّٰهِ ۘ وَاللّٰهُ

جڏهن اچن ٿا تو وٽ منافق چون ٿا اسين شاهدي ڏيون ٿا ته تون آهين رسول الله جو. ۽ الله

جڏهن منافق تو وٽ ايندا آهن (تڏهن) چوندا آهن ته شاهدي ٿا ڏيون ته پڪ تون الله جو پيغمبر آهين ۽ الله

يَعْلَمُ اِنَّكَ لَرَسُوْلُهٗ ؕ وَاللّٰهُ يَشْهَدُ اِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَكٰذِبُوْنَ ﴿١﴾ ج

ڄاڻي ٿو ته بيشڪ تون سندس رسول آهين. ۽ الله شاهدي ڏئي ٿو ته منافق ڪوڙا آهن.

ڄاڻندو آهي ته بيشڪ تون سندس پيغمبر آهين ۽ الله شاهدي ٿو ڏئي ته بيشڪ (اهي) منافق ڪوڙا آهن.

اِتَّخَذُوْٓا اَيْمَانَهُمْ جُنَّةً فَصَدُّوْا عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ؕ اِنَّهُمْ سَآءَ

ورتو اٿن پنهنجن قسمن کي ڍال ڪري پوءِ روڪيائون الله جي رستي کان. بيشڪ برو آهي

پنهنجن قسمن کي ڍال (ڪري) ورتو اٿن، پوءِ الله جي واٽ کان روڪين ٿا، بيشڪ اهي جيڪي ڪندا آهن

مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿٢﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهُمْ اٰمَنُوْا ثُمَّ كَفَرُوْا فَطُبِعَ عَلٰى

جيڪي اهي ڪندا هئا. اهو هن ڪري جو انهن ايمان آندو پوءِ ڪافر ٿيا پوءِ مهر هڻي وئي انهن جي

سو بڇڙو آهي. اهو هن ڪري آهي جو انهن ايمان آندو وري انڪار ڪيائون، پوءِ انهن جي دلين تي مُهر هڻي وئي.

قُلُوْبِهِمْ فَهُمْ لَا يَفْقَهُوْنَ ﴿٣﴾ وَاِذَا رَاَيْتَهُمْ تُعْجِبُكَ اَجْسَامُهُمْ ؕ

دلين تي پوءِ اهي نه ٿا سمجهن. جڏهن تون ڏسندين انهن کي ته وڻندا توکي جسم انهن جا.

تنهن ڪري اهي نه سمجهندا آهن. ۽ (اي پيغمبرا تون) جڏهن کين ڏسندو آهين (تڏهن) سندن جسا توکي وڻندا آهن

وَاِنْ يَّقُوْلُوْا تَسْمَعْ لِقَوْلِهِمْ ؕ كَاَنَّهُمْ خُشُبٌ مُّسَنَّدَةٌ ؕ

۽ جي ڳالهائن ته ٻڌين ويلو ڳالهائڻ انهن جو آهن جهڙا سڪا ٻنڊ ٽيڪ ڏنل.

۽ جيڪڏهن ڳالهائيندا آهن ته انهن جي ڳالهه (ڪَن ڏيئي) ٻڌندو آهين (حقيقت ڪري) اهي جهڙڪ ڀت سان اُڀيون ڪاٺيون

يَحْسَبُوْنَ كُلَّ صَيْحَةٍ عَلَيْهِمْ ؕ هُمُ الْعَدُوُّ فَاحْذَرْهُمْ ؕ قٰتَلَهُمُ

ڀائين ٿا هر هڪل کي پاڻ تي، اهي ئي دشمن آهن پوءِ هوشيار ٿي ۽ انهن کان. الله ڪاس

رکيل آهن. سڀڪنهن هڪل کي پاڻ تي (خطرو) ڀائيندا آهن. اهي ويري آهن، تنهن ڪري کائڻ بچندو رهه الله کيس هلاڪ ڪري!

اللّٰهُ ز اَنّٰى يُؤْفَكُوْنَ ④ وَ اِذَا قِيْلَ لَهُمْ تَعَالَوْا يَسْتَغْفِرْ لَكُمْ رَسُوْلُ

مارين كيئن ٿا ابتا وڃن. ۽ جڏهن چئجي ٿو انهن کي اچو ته بخشش گهري توهان لاءِ الله جو.

ڪيڏانهن ڦيرائبا آهن؟. ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته اچو ته، الله جو پيغمبر اوهان لاءِ بخشش گهري،

اللّٰهِ لَوَّوْا رُءُوْسَهُمْ وَرَاَيْتَهُمْ يَصُدُّوْنَ وَهُمْ مُّسْتَكْبِرُوْنَ ⑤

رسول ته موڙين ٿا مٿا پنهنجا ۽ ڏسندين انهن کي ته پرڪي ٿا وڃن ۽ اهي وڏائي ڪندڙ آهن.

تڏهن پنهنجا مٿا موڙيندا آهن ۽ انهن کي ڏسندو آهين ته وڏائي ڪندڙ ٿي رڪجي ويندا آهن.

سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ اَسْتَغْفَرْتَ لَهُمْ اَمْ لَمْ تَسْتَغْفِرْ لَهُمْ ط لَنْ يَّغْفِرَ

برابر آهي انهن تي جو تون معافي گهرين انهن لاءِ يا نه معافي گهرين انهن لاءِ، هرگز نه بخشيندو

(تون) انهن لاءِ بخشش گهرين يا انهن لاءِ بخشش نه گهرين ته انهن لاءِ هڪ جهڙي (ڳالهه) آهي. انهن کي

اللّٰهُ لَهُمْ ط اِنَّ اللّٰهَ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الْفٰسِقِيْنَ ⑥ هُمُ الَّذِيْنَ

الله انهن کي، بيشڪ الله نه توراه وٺائي ماڻهن نافرمانن کي، هي اهي آهن جي

الله ڪڏهن نه بخشيندو ڇو ته الله بي دينن جي قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. اِهي اهڙا آهن جو (هڪ ٻئي

يَقُوْلُوْنَ لَا تُنْفِقُوْا عَلٰى مَنْ عِنْدَ رَسُوْلِ اللّٰهِ حَتّٰى يَنْفَضُّوْا ط

چون ٿا ته نه خرچ ڪريو انهن تي جيڪي رسول الله وٽ آهن جيئن ڇڏي وڃن،

کي) چوندا آهن ته جيڪي (مهاجر) الله جي پيغمبر وٽ آهن، تن تي خرچ نه ڪريو، تان جو (ڪيس) ڇڏي وڃن

وَ لِلّٰهِ خَزَآئِنُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَلٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ

۽ الله جا خزانا آهن آسمانن ۽ زمين ۾ پر منافق

۽ (هي نه ڄاڻندا آهن ته) آسمانن ۽ زمين جا خزانا خاص الله جا آهن، پر (اِن ڳالهه کي) منافق نه سمجهندا آهن.

لَا يَفْقَهُوْنَ ⑦ يَقُوْلُوْنَ لَئِنْ رَّجَعْنَآ اِلَى الْمَدِيْنَةِ لَيُخْرِجَنَّ

نه ٿا سمجهن. اهي چون ٿا جيڪڏهن موٽياسون مديني ڏانهن ضرور ڪيي ڇڏيندو

چوندا آهن ته، جيڪڏهن (اسين) مديني ۾ موٽي پهتاسون ته وڏيڪ حيثيت وارو تمام هيٺي کي

الْاَعَزُّ مِنْهَا الْاَذَلَّ ط وَ لِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ وَ

طاقتور اتان ڪمزور کي، حالانڪ زور آهي الله کي ۽ ان جي رسول کي ۽ مومنن کي

اتان ضرور ڪيي ڇڏيندا ۽ عزت (رڳو) الله کي ۽ سندس پيغمبر کي ۽ مومنن کي آهي،

لٰكِنَّ الْمُنٰفِقِيْنَ لَا يَعْلَمُوْنَ ⑧ ع يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُلْهِكُمْ ١ ع ٨ ١٣

پر منافق نه ٿا ڄاڻن. اي ايمان وارو! نه ويسلو ڪن توهان کي

پر (اِها ڳالهه) منافق نه ڄاڻندا آهن. اي ايمان وارا اوهان کي نڪي اوهان جا مال

اَمْوَالُكُمْ وَلَآ اَوْلَادُكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ۚ وَمَنْ يَّفْعَلْ ذٰلِكَ
مال توهان جا ۽ نہ اولاد توهان جي الله جي ذڪر ڪان، ۽ جيڪي ڪندا ائين
۽ نڪي اوهان جو اولاد الله جي ياد ڪرڻ کان غافل ڪري ۽ جيڪي ائين ڪندا، سي ئي

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْخٰسِرُوْنَ ⑨ وَاَنْفِقُوْا مِنْ مَّا رَزَقْنٰكُمْ مِّنْ قَبْلِ
پوءِ اهي ئي نقصان وارا آهن. ۽ ڏيو ان مان ڪجهہ جيڪي اسان ڏنو آهي توهان کي هن کان اڳ
خساري وارا آهن. ۽ جيڪي اوهان کي روزي ڏني اٿئون، تنهن منجهان انهيءَ کان اڳ خرچ ڪريو

اَنْ يَّاْتِيَ اَحَدَكُمُ الْمَوْتُ فَيَقُوْلَ رَبِّ لَوْلَآ اَخَّرْتَنِيْٓ اِلٰٓى اَجَلٍ
جو اچي ڪنهن تي توهان مان موت پوءِ چوي اي منهنجا رب ڇو نہ ڍر ڏنئي مون کي ٿوري
جو اوهان مان ڪنهن هڪڙي کي موت پهچي پوءِ چوڻ لڳي تہ اي منهنجا پالڻهار! جيڪر مون کي هڪ ويجهيءَ مدت تائين

قَرِيْبٍ ۙ فَاَصَّدَّقَ وَاَكُنْ مِّنَ الصّٰلِحِيْنَ ⑩ وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ
وقت تائين پوءِ جيڪر خيرات ڏيان ها ۽ ٿيان ها ڀلن ماڻهن مان. ۽ هرگز نہ ڍر ڏيندو الله
مهلت ڏين ها تہ خيرات ڪريان ها ۽ صالحن مان ٿيان ها! ۽ جڏهن ڪنهن نفس جو اجل ايندو آهي (تڏهن)

نَفْسًا اِذَا جَآءَ اَجَلُهَا ۭ وَاللّٰهُ خَبِيْرٌۢ بِمَا تَعْمَلُوْنَ ⑪ ع
ڪنهن جان کي جڏهن اچي ان جو وقت، ۽ الله خبر رکندڙ آهي توهان جي عملن جي.
ان کي الله ڪڏهن مهلت نہ ڏيندو آهي ۽ جيڪي ڪندا آهيو، تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي.

سُوْرَةُ التَّغَابُنِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٨ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.
الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يُسَبِّحُ لِلّٰهِ مَا فِي السَّمٰوٰتِ وَمَا فِي الْاَرْضِ ۚ لَهُ الْمُلْكُ وَ
پاڪائي بيان ڪري ٿو الله جي جيڪي بہ آهن ۾ آسمانن ۾ ۽ جيڪي ڌرتيءَ ۾ آهي، ان جي ئي بادشاهي آهي ۽
جيڪي آسمانن ۾ آهي ۽ جيڪي زمين ۾ آهي سو (سڀ) الله جي پاڪائي بيان ڪندو آهي، سندس ئي بادشاهي آهي ۽

لَهُ الْحَمْدُ ۡ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ① هُوَ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ
ان جي ئي ساراهہ آهي ۽ اهو هر شيءِ تي قادر آهي. اهوئي آهي جنهن پيدا ڪيو توهان کي
سندس ئي ساراهہ آهي ۽ اهو سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي. (الله) اهو آهي، جنهن اوهان کي پيدا ڪيو.

فَمِنْكُمْ كَافِرٌ وَّمِنْكُمْ مُّؤْمِنٌ ۭ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ بَصِيْرٌ ②
پوءِ ڪو توهان مان منڪر ٿيو ۽ ڪو توهان مان مڃيندڙ، ۽ الله توهان جي ڪمن کي ڏسندڙ آهي.
پوءِ اوهان مان ڪو ڪافر ۽ اوهان مان ڪو مومن آهي ۽ جيڪي (اوهين) ڪندا آهيو، سو الله ڏسندڙ آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضَ بِالۡحَقِّ وَصَوَّرَكُمۡ فَاَحۡسَنَ صُوَرَكُمۡ ۚ

پيدا ڪيائين آسمانَ ۽ زمين رٽ سان ۽ صورت ڏنائين توهانکي پوءِ چڱيون ڪيائين صورتون توهانجون

آسمانن ۽ زمين کي پوريءَ رٽ سان بڻايائين ۽ اوهان کي صورت ڏنائين، پوءِ اوهان جون صورتون تمام

وَاِلَيۡهِ الۡمَصِيۡرُ ﴿٣﴾ يَعۡلَمُ مَا فِى السَّمٰوٰتِ وَالۡاَرۡضِ وَيَعۡلَمُ

۽ ان ڏي ئي موٽڻ آهي. ڄاڻي ٿو جو ڪجھ آسمانن ۾ آهي ۽ ڌرتيءَ ۾ آهي. ۽ ڄاڻي ٿو

چڱيون بڻايائين ۽ ڏانهس موٽڻ آهي. جيڪي آسمانن ۽ زمين ۾ آهي، سو (اهو) ڄاڻندو آهي ۽ جيڪي

مَا تُسِرُّوۡنَ وَمَا تُعۡلِنُوۡنَ ؕ وَاللّٰهُ عَلِيۡمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوۡرِ ﴿٤﴾

جو لڪايو ٿا ۽ جيڪي پڌرو ٿا ڪريو. ۽ الله ڄاڻندڙ آهي راز دلين جي کي.

لڪائيندا آهيو ۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهيو سو (به) ڄاڻندو آهي ۽ الله سينن جو ڳجھ ڄاڻندڙ آهي.

اَلَمۡ يَاۡتِكُمۡ نَبَؤُا الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡا مِنۡ قَبۡلُ ۫ فَذَاقُوۡا وَبَالَ

ڇانہ آئي توهان وٽ خبر انهن جي جن ڪفر ڪيو هن کان اڳ، پوءِ انهن چکي سزا

(هن کان) اڳ جيڪي ڪافر هئا تن جي خبر اوهان وٽ نہ آئي ڇا؟ پوءِ پنهنجي ڪئي جي سزا چکيائون

اَمۡرِهِمۡ وَلَهُمۡ عَذَابٌ اَلِيۡمٌ ﴿٥﴾ ذٰلِكَ بِاَنَّهٗ كَانَتۡ تَّاۡتِيۡهِمۡ

پنهنجي ڪئي جي ۽ انهن لاءِ عذاب دردناڪ آهي. اهو هن ڪري تہ آئيندا هئا انهن وٽ

۽ انهن لاءِ ڏکوئيندڙ عذاب آهي. اِهو (عذاب) هن ڪري آهي جو سندن پيغمبر (چٽن) معجزن سان وٽن ايندا هئا

رُسُلُهُمۡ بِالۡبَيِّنٰتِ فَقَالُوۡۤا اَبَشَرٌ يَّهۡدُوۡنَنَا ۫ فَكَفَرُوۡا وَتَوَلَّوۡا

سندن رسول معجزا پوءِ چيائون ڇا آدمي ڪو اسان کي هدايت ڪندا؟ پوءِ منڪر ٿيا ۽ منهن موڙيائون

تہ چوندا هئا تہ. اسان کي (اسان جهڙا) ماڻهو (سڌو) رستو ڏيکاريندا ڇا؟ پوءِ انڪار ڪيائون ۽ منهن ڦيرايائون

وَّاسۡتَغۡنَى اللّٰهُ ؕ وَاللّٰهُ غَنِىٌّ حَمِيۡدٌ ﴿٦﴾ زَعَمَ الَّذِيۡنَ كَفَرُوۡۤا اَنۡ

۽ بي پرواهي ڪئي الله، ۽ الله بي پرواهہ آهي ساراهيل آهي. چيو انهن جي ڪافر ٿيا تہ

۽ الله (بہ) بي پرواهي ڪئي ۽ الله بي پرواهہ ساراهيل آهي. ڪافر ڀائيندا آهن تہ (قبرن مان) ڪين ڪڍهن نہ اٿاريو.

لَّنۡ يُّبۡعَثُوۡا ؕ قُلۡ بَلٰى وَرَبِّىۡ لَتُبۡعَثُنَّ ثُمَّ لَتُنَبَّؤُنَّ بِمَا عَمِلۡتُمۡ ؕ

هرگز نہ اٿاريو ويندن، چؤ هائو قسم منهنجي رب جو ضرور اٿاريا ويندؤ پوءِ اوهان کي خبر ڏني ويندي پنهنجي ڪئي جي،

(ڪين) چئو تہ هائوا منهنجي پالڻهار جو قسم آهي! تہ (اوهين) ضرور اٿاريو وري جيڪي ڪندا هيو، تنهن جي اوهان کي ضرور سڌ ڏبي

وَذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ يَسِيۡرٌ ﴿٧﴾ فَاٰمِنُوۡا بِاللّٰهِ وَرَسُوۡلِهٖ وَالنُّوۡرِ الَّذِىۡۤ

۽ اهو الله تي آسان آهي. پوءِ ايمان آڻيو الله ۽ سندس رسول تي ۽ انهيءَ نور (قرآن) تي جيڪو

۽ اِهو (ڪم) الله تي آسان آهي. تنهن ڪري الله ۽ سندس پيغمبر تي ايمان آڻيو ۽ انهيءَ نور (يعني قرآن) تي بہ جيڪو

اَنْزَلْنَا ؕ وَاللّٰهُ بِمَا تَعْمَلُوْنَ خَبِيْرٌ ۸ يَوْمَ يَجْمَعُكُمْ لِيَوْمِ الْجَمْعِ

لاٿوسون، ۽ الله کي توهان جي ڪمن جي خبر آهي. جنهن وقت گڏ ڪندو اوهان کي ڏينهن گڏ ٿيڻ تي

نازل ڪيوسون ۽ جيڪي ڪندا آهيو تنهن جي الله خبر رکندڙ آهي. جنهن مهل اوهان کي قيامت جي ڏينهن ۾ گڏ ڪندو (تنهن مهل اوهان کي

ذٰلِكَ يَوْمُ التَّغَابُنِ ؕ وَمَنْ يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ صَالِحًا يُّكَفِّرْ

اهو آهي ڏينهن ڪٽڻ هارائڻ جو. ۽ جيڪو يقين رکندو الله تي ۽ ڪندو ڀلا ڪم ته ميٽيندو

ساري سڌ ڏبي) اهو ڏينهن هڪ ٻئي جي ڪٽڻ هارائڻ جو آهي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو، تنهن کان

عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ

انکان برايون ان جون ۽ داخل ڪندو ان کي اهڙن باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون

سندس مدايون الله ميٽيندو ۽ ڪيس اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون

خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ۹ وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا

رهندا ان ۾ سدائين، اها ڪاميابي وڏي آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو

وهنديون آهن، اتي سدائين رهندا، اها وڏي ڪاميابي آهي. ۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي

وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَآ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ وَبِئْسَ

۽ ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي اهي جهنم وارا آهن هميشه رهندا ان ۾، ۽ بڇڙي جڳهه آهي

آيتن کي ڪوڙو ڄاتو، اهي دوزخي آهن، ان ۾ سدائين رهندا ۽ (اهو) هنڌ بڇڙو آهي.

الثلث ع ١٠ ١٥

الْمَصِيْرُ ۱۰ ع مَآ اَصَابَ مِنْ مُّصِيْبَةٍ اِلَّا بِاِذْنِ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ

موٽڻ جي. نه ٿي پهچي ڪا مصيبت بنا حڪم الله جي، ۽ جيڪو

الله جي حڪم کان سواءِ ڪا به مصيبت نه پهچندي آهي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو

يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ يَهْدِ قَلْبَهٗ ؕ وَاللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ۱۱ وَاَطِيْعُوا

يقين ڪندو الله تي ته هدايت ڪندو ان جي دل کي، ۽ الله سڀ شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ حڪم مڃيو

تنهن جي دل کي (اهو) هدايت ڪندو ۽ الله هر شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي. ۽ الله جو چيو مڃيو

اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ۚ فَاِنْ تَوَلَّيْتُمْ فَاِنَّمَا عَلٰى رَسُوْلِنَا الْبَلٰغُ

الله جو ۽ حڪم مڃيو رسول جو، پوءِ جيڪڏهن ڦرندؤ ته رڳو رسول اسان جي تي آهي پهچائڻ

۽ پيغمبر جو چيو مڃيو، پوءِ جيڪڏهن منهن موڙيندؤ ته اسان جي پيغمبر تي رڳو پڌرو پيغام پهچائڻ آهي.

الْمُبِيْنُ ۱۲ اَللّٰهُ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ؕ وَعَلَى اللّٰهِ فَلْيَتَوَكَّلِ الْمُؤْمِنُوْنَ ۱۳

پڌرو. الله، ناهي ڪوئي حاڪم ان کان سواءِ ۽ الله تي ڀل ته ڀروسو ڪن ايمان وارا.

الله (اهو آهي جو) ان کان سواءِ (ٻيو) عبادت جي لائق نه آهي ۽ مومنن کي جڳائي ته الله تي (ئي) ڀروسو ڪن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّ مِنْ اَزْوَاجِكُمْ وَاَوْلَادِكُمْ عَدُوًّا لَّكُمْ

اي ايمان وارو بيشڪ اوهان جي زالن ۽ اوهانجي اولاد مان ڪي دشمن آهن توهانجا

اي ايمان وارو! بيشڪ ڪي اوهان جون زالون ۽ ڪو اوهان جو اولاد اوهان جو دشمن آهي.

فَاحْذَرُوْهُمْ ۚ وَاِنْ تَعْفُوْا وَتَصْفَحُوْا وَتَغْفِرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَفُوْرٌ

پوءِ هوشيار ٿجو انهن کان، ۽ جيڪڏهن معاف ڪندؤ ۽ ٽاروڪندؤ ۽ بخشيندؤ تہ يقينن الله بخشڻهار

تنهن ڪري انهن کان بچو ۽ جيڪڏهن معاف ڪريو ۽ ٽارو ڪريو ۽ بخشيو تہ بيشڪ الله (بہ) بخشڻهار

رَّحِيْمٌ ﴿١٤﴾ اِنَّمَاۤ اَمْوَالُكُمْ وَاَوْلَادُكُمْ فِتْنَةٌ ؕ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗۤ اَجْرٌ

مهربان آهي. رڳو ملڪيت اوهان جي ۽ اولاد اوهان جي آزمائش آهي، ۽ الله وٽ اجر

مهربان آهي. اوهان جا مال ۽ اوهان جو اولاد رڳو پرک آهن ۽ الله ئي وٽ وڏو اجر آهي.

عَظِيْمٌ ﴿١٥﴾ فَاتَّقُوا اللّٰهَ مَا اسْتَطَعْتُمْ وَاسْمَعُوْا وَاَطِيْعُوْا وَاَنْفِقُوْا

وڏو آهي. پوءِ ڊڄو الله کان جيترو ٿي سگهيوَ ۽ ٻڌو ۽ حڪم مڃيو ۽ خيرات ڪريو

تنهن ڪري جيترو ٿي سگهيوَ اوترو الله کان ڊڄو ۽ (الله جو حڪم) ٻڌو ۽ چيو مڃيو ۽ خرچ ڪريو

خَيْرًا لِّاَنْفُسِكُمْ ؕ وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿١٦﴾

پنهنجي ڀلائي لاءِ، ۽ جيڪي بچايا ويندا پنهنجي نفس جي حرص کان اهي ئي ڪامياب آهن.

تہ خود اوهان جي لاءِ چڱو آهي ۽ جيڪي پنهنجي نفس جي حرص کان بچايا ويا سي ئي ڇٽڻ ورا آهن. جيڪڏهن

اِنْ تُقْرِضُوا اللّٰهَ قَرْضًا حَسَنًا يُّضٰعِفْهُ لَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ؕ وَاللّٰهُ

جيڪڏهن قرض ڏيندؤ الله کي. قرض چڱو تہ ٻيڻا ڪري ڏيندو اوهان کي ۽ گناهہ بخشيندو توهان کي ۽ الله

الله کي چڱيءَ طرح قرض ڏيندو تہ (الله) اوهان کي اهو (قرض) ٻيڻو (ورائي) ڏيندو ۽ اوهان کي بخشيندو ۽ الله

شَكُوْرٌ حَلِيْمٌ ﴿١٧﴾ عٰلِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الْعَزِيْزُ الْحَكِيْمُ ﴿١٨﴾

قدردان سهپ وارو آهي. ڄاڻندڙ ڳجهہ ۽ ظاهر کي آهي زبردست پڪي ڪم وارو آهي.

قدردان بردبار آهي. ڳجهہ ۽ ظاهر ڄاڻندڙ غالب، حڪمت وارو آهي.

سُوْرَةُ الطَّلَاقِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٢ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ اِذَا طَلَّقْتُمُ النِّسَآءَ فَطَلِّقُوْهُنَّ لِعِدَّتِهِنَّ وَاَحْصُوا

اي نبي (ﷺ) جڏهن طلاق ڏيو زالن کي تہ طلاق ڏيو انهن کي سندن عدت تي ۽ ڳڻيو

اي پيغمبر! (پنهنجيءَ امت کي چئو تہ اوهين) جڏهن زالن کي طلاق ڏيڻ جو ارادو ڪريو تڏهن کين سندن عدت (جي شروع) ۾ طلاق ڏيو ۽ عدت ڳڻيو

الْعِدَّةَ ۚ وَاتَّقُوا اللّٰهَ رَبَّكُمْ ۚ لَا تُخْرِجُوْهُنَّ مِنْۢ بُيُوْتِهِنَّ وَلَا
عدت ۽ ڊڄو الله رب پنهنجي کان نه ڪيو انهن کي سندن گهرن مان ۽ نڪي
۽ پنهنجي پالڻهار الله کان ڊڄو. کين سندن گهرن مان (عدت جي مدت ۾) پڌري بيحيائيءَ جي ڪم ڪان سواءِ

يَخْرُجْنَ اِلَّآ اَنْ يَّاْتِيْنَ بِفَاحِشَةٍ مُّبَيِّنَةٍ ۗ وَتِلْكَ حُدُوْدُ
پاڻ نڪرن جيسين نه آڻين ڪا بي حيائي پڌري، ۽ اهي حدون
نه ڪڍو ۽ (جڳائي ته) اهي (پاڻ به) نه نڪرن ۽ اِهي الله جون (مقرر ڪيل) حدون آهن ۽ جيڪو الله

اللّٰهِ ۗ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ ۗ لَا تَدْرِيْ
الله جون آهن، ۽ جيڪو ٽپندو حدون الله جون ته ظلم ڪيائين پاڻ تي، ڇا خبر تو کي
جون حدون (لتاڙي) لنگهندو تنهن بيشڪ پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪيو. (ڪوبه نه) ڄاڻندو آهي

لَعَلَّ اللّٰهَ يُحْدِثُ بَعْدَ ذٰلِكَ اَمْرًا ① فَاِذَا بَلَغْنَ اَجَلَهُنَّ
متان الله پيدا ڪري ان ڪان پوءِ ڪا نئين ڳالهه، پوءِ جڏهن پهچن پنهنجي عدت کي ته
ته اُن (طلاق ڏيڻ) ڪان پوءِ (متان) الله ٻيو ڪو رستو پيدا ڪري. پوءِ جڏهن (طلاق واريون) پنهنجيءَ مدت کي پهچن

فَاَمْسِكُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ اَوْ فَارِقُوْهُنَّ بِمَعْرُوْفٍ وَّاَشْهِدُوْا ذَوَيْ
جهليون شرعي طور يا ڇڏيون شرعي طور، ۽ شاهد ڪريو ٻه
تڏهن چڱيءَ طرح ساڻن ڪين رکو يا چڱيءَ طرح ساڻن ڪين ڇڏي ڏيو ۽ پاڻ مان ٻه معتبر شاهد

عَدْلٍ مِّنْكُمْ وَاَقِيْمُوا الشَّهَادَةَ لِلّٰهِ ۗ ذٰلِكُمْ يُوْعَظُ بِهٖ مَنْ كَانَ
چڱا ماڻهو پنهنجا ۽ سڌي ڏيو شاهدي الله خاطر، اجهو سکيا ڏنو وڃي ٿو هن(حڪم)سان اهو جيڪو
ڪريو ۽ الله لڳ شاهدي پوري ڏيو. اِنهيءَ (حڪم) سان اُنهيءَ کي نصيحت ڏجي ٿي، جيڪو

يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ ۗ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ لَّهٗ
مڃيندو آهي الله کي ۽ ڏينهن قيامت کي، ۽ جيڪو ڊڄندو الله کان ته ڪندو انهيءَ لاءِ
الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيندو هجي ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو تنهن جي نڪرڻ جي (الله) ڪا راه ڪندو.

مَخْرَجًا ② وَّيَرْزُقْهُ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ۗ وَمَنْ يَّتَوَكَّلْ
ڪا واهه، ۽ روزي ڏيندس اتان جو گمان به نه هوندس، ۽ جيڪو ڀروسو ڪندو
۽ کيس اتاهون روزي ڏيندو جتان گمان ئي نه هوندس ۽ جيڪو الله تي ڀروسو ڪندو تنهن کي

عَلَى اللّٰهِ فَهُوَ حَسْبُهٗ ۗ اِنَّ اللّٰهَ بَالِغُ اَمْرِهٖ ۗ قَدْ جَعَلَ اللّٰهُ لِكُلِّ
الله تي پوءِ اهو ان لاءِ ڪافي آهي، بيشڪ الله پورو ڪندڙ آهي پنهنجو ڪم، ڪري ڇڏيو آهي الله هر
الله ڪافي آهي. بيشڪ! الله پنهنجي ڪم کي پورو ڪندڙ آهي، بيشڪ الله سڀڪنهن شيءِ جو اندازو ڪيو

شَيْءٍ قَدْرًا ﴿٣﴾ وَالّٰٓـِٔيْ يَىِٕسْنَ مِنَ الْمَحِيْضِ مِنْ نِّسَآىِٕكُمْ اِنِ
شيءِ جو اندازو. ۽ جيڪي نااميد هجن حيض کان توهان جون زالون جيڪڏهن
آهي. ۽ اوهان جي (طلاق ڏنل) زالن مان جيڪي حيض کان نااميد ٿيون هجن (تن جي عدت بابت) جيڪڏهن

ارْتَبْتُمْ فَعِدَّتُهُنَّ ثَلٰثَةُ اَشْهُرٍ ۙ وَّالّٰٓـِٔيْ لَمْ يَحِضْنَ ؕ وَاُولَاتُ
شڪ ۾ پيا آهيو ته انهن جي عدت ٽي مهينا آهي ۽ انهن جي به جن کي نه حيض آيو آهي. ۽ پيٽ
شڪ ۾ پيا آهيو ته انهن جي عدت ٽي مهينا آهي ۽ جيڪي اڃا حيض واريون نه ٿيون آهن (تن جي مدت به ٽي مهينا آهي)

الْاَحْمَالِ اَجَلُهُنَّ اَنْ يَّضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ اللّٰهَ يَجْعَلْ
واريون عدت انهن جي آهي ته ڄڻن پنهنجا ٻار. ۽ جيڪو ڊڄندو الله کان ته ڪندو
۽ پيٽ وارين زالن جي عدت اها آهي جو پنهنجو ٻار ڄڻين ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو تنهن لاءِ

لَّهٗ مِنْ اَمْرِهٖ يُسْرًا ﴿٤﴾ ذٰلِكَ اَمْرُ اللّٰهِ اَنْزَلَهٗٓ اِلَيْكُمْ ؕ وَمَنْ يَّتَّقِ
ان لاءِ سندس ڪم ۾ آساني. اهو حڪم الله جو آهي جيڪو نازل ڪيائين توهان ڏانهن. ۽ جيڪو ڊڄندو
الله سندس ڪم ۾ آساني ڪندو. اِهو الله جو حڪم آهي، جو اُهو اوهان ڏانهن نازل ڪيائين ۽ جيڪو الله کان ڊڄندو

اللّٰهَ يُكَفِّرْ عَنْهُ سَيِّاٰتِهٖ وَيُعْظِمْ لَهٗٓ اَجْرًا ﴿٥﴾ اَسْكِنُوْهُنَّ مِنْ
الله کان ميٽيندو ان کان ان جون مدايون ۽ وڏائيندو ان لاءِ اجر کي. رهايو انهن کي اتي
تنهن جون مدايون الله کانئس ميٽيندو ۽ ان کي اجر وڏيڪ ڏيندو. جتي پنهنجي وس آهر (اوهين) ٽڪندا آهيو.

حَيْثُ سَكَنْتُمْ مِّنْ وُّجْدِكُمْ وَلَا تُضَآرُّوْهُنَّ لِتُضَيِّقُوْا
جتي پاڻ رهندا آهيو پنهنجي وَس آهر ۽ نه ايذائجو انهن کي جيئن تنگ
تتي انهن کي (عدت جا ڏينهن) ٽڪايو ۽ ڪين هن لاءِ نه ايذايو ته انهن کي تنگ ڪريو

عَلَيْهِنَّ ؕ وَاِنْ كُنَّ اُولَاتِ حَمْلٍ فَاَنْفِقُوْا عَلَيْهِنَّ حَتّٰى
ڪريون ۽ جيڪڏهن آهن پيٽ واريون ته خرچ ڪريو انهن تي جيستائين
۽ جيڪڏهن پيٽ سان هجن ته جيسين پنهنجو ٻار ڄڻين (تيسين) ڪين خرچ ڏيو.

يَضَعْنَ حَمْلَهُنَّ ۚ فَاِنْ اَرْضَعْنَ لَكُمْ فَاٰتُوْهُنَّ اُجُوْرَهُنَّ ۚ وَاْتَمِرُوْا
ڄڻين ٻار. پوءِ جيڪڏهن کير پيارن توهان جي چوڻ ڪري ته ڏيو انهن کي سندن اجورو. ۽ چيو وٺو
پوءِ جيڪڏهن اوهان جي حڪم موجب (اهي ٻار کي) کير پيارين ته ڪين سندن مزوري ڏيو ۽ هلي چليءَ موجب

بَيْنَكُمْ بِمَعْرُوْفٍ ۚ وَاِنْ تَعَاسَرْتُمْ فَسَتُرْضِعُ لَهٗٓ اُخْرٰى ؕ ﴿٦﴾
هڪٻئي جو پاڻ ۾ رواج موجب. ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ شدت ڪريو ته پوءِ کير پياري ان (ٻار) کي ڪا ٻي عورت.
پاڻ ۾ صلاح ڪريو ۽ جيڪڏهن پاڻ ۾ سختي ڪريو ته ان (ٻار) جي (پيءُ جي) چوڻ تي ٻي (ڪا) کير پياري.

لِيُنْفِقْ ذُوْ سَعَةٍ مِّنْ سَعَتِهٖ ؕ وَمَنْ قُدِرَ عَلَيْهِ رِزْقُهٗ

پل خرچ ڪري دنيادار پنهنجي وسعت آهر، ۽ جنهن تي روزي تنگ ٿيل آهي

جڳائي ته وس وارو پنهنجي وس آهر خرچ ڪري ۽ جنهن تي سندس روزي تنگ ڪئي ويئي آهي،

فَلْيُنْفِقْ مِمَّآ اٰتٰىهُ اللّٰهُ ؕ لَا يُكَلِّفُ اللّٰهُ نَفْسًا اِلَّا مَآ اٰتٰىهَا ؕ

ان کي خرچ ڪرڻ جڳائي الله جي ڏني آهر، نه تو زوري الله ڪنهن کي پر اوترو جيترو ڪيس ڏنو اٿس،

تنهن کي جڳائي ته جيڪي الله ڪيس ڏنو آهي، تنهن مان خرچ ڪري، ڪنهن کي الله تڪليف نه ڏيندو آهي، پر (اوتري قدر) جيتري قدر الله ڪيس

ع-٧ سَيَجْعَلُ اللّٰهُ بَعْدَ عُسْرٍ يُّسْرًا ﴿٧﴾ وَكَاَيِّنْ مِّنْ قَرْيَةٍ عَتَتْ

سگهوئي ڪندو الله پويان ڏک جي سک کي. ۽ ڪيترائي ڳوٺ هئا جن بي ڇيائي ڪئي

ڏنو آهي، سگهوئي الله ڏکيائي کان پوءِ سکيائي (ظاهر) ڪندو. ۽ (اهڙا) گهڻائي ڳوٺ (هئا) جن پنهنجي پالڻهار جي حڪم

عَنْ اَمْرِ رَبِّهَا وَرُسُلِهٖ فَحَاسَبْنٰهَا حِسَابًا شَدِيْدًا ۙ وَّعَذَّبْنٰهَا

پنهنجي پالڻهار جي حڪم جي ۽ ان جي رسولن جي پوءِ پڪڙيوسون انهن کي حساب سخت سان ۽ عذاب ڪيوسون انهن کي

۽ سندس پيغمبرن (جي حڪم) کان نافرماني ڪئي، پوءِ سخت حساب سان انهن کي پڪڙيوسون ۽ سخت سزا سان کين عذاب ڪيوسون.

عَذَابًا نُّكْرًا ﴿٨﴾ فَذَاقَتْ وَبَالَ اَمْرِهَا وَكَانَ عَاقِبَةُ اَمْرِهَا

عذاب اوپرو. پوءِ چکيائون سزا پنهنجي ڪئي جي ۽ ٿي پڇاڙي سندن ڪم جي

پوءِ انهن (ڳوٺ وارن) پنهنجي ڪم جي سزا چکي ۽ انهن جي ڪم جي پڇاڙي خراب ٿي.

خُسْرًا ﴿٩﴾ اَعَدَّ اللّٰهُ لَهُمْ عَذَابًا شَدِيْدًا ۙ فَاتَّقُوا اللّٰهَ يٰٓاُولِي

خراب. تيار ڪيو الله انهن لاءِ عذاب سخت، پوءِ ڊڄو الله کان اي

انهن لاءِ الله سخت عذاب تيار ڪيو آهي، تنهن ڪري اي عقل وارا مؤمنو! الله کان

مع عند المتقدمين ١٣ الْاَلْبَابِ ۖۚ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۛؕ قَدْ اَنْزَلَ اللّٰهُ اِلَيْكُمْ ذِكْرًا ﴿١٠﴾ رَّسُوْلًا

عقل وارو! جن ايمان آندو، بيشڪ نازل ڪيو الله اوهان ڏانهن قرآن کي. موڪليائين رسول کي

ڊڄو. بيشڪ الله اوهان ڏانهن هڪ ڪتاب (يعني قرآن) نازل ڪيو آهي. (۽) پيغمبر (به موڪليو اٿس)

يَّتْلُوْا عَلَيْكُمْ اٰيٰتِ اللّٰهِ مُبَيِّنٰتٍ لِّيُخْرِجَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

جيڪو پڙهي ٿو توهان تي آيتون الله جون چٽيون جيئن ڪڍي انهن کي جن ايمان آندو ۽ ڪيا عمل

جو اوهان تي الله جون پڌريون آيتون (هن لاءِ) پڙهندو آهي ته جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن کي (گمراهيءَ

الصّٰلِحٰتِ مِنَ الظُّلُمٰتِ اِلَى النُّوْرِ ؕ وَمَنْ يُّؤْمِنْ بِاللّٰهِ وَيَعْمَلْ

صالح اونڌيرن مان طرف روشني جي، ۽ جيڪو يقين ڪري الله تي ۽ ڪم ڪري

جي) اونداهين کان (هدايت جي) سوجهري ڏانهن ڪڍي ۽ جيڪو الله تي ايمان آڻيندو ۽ چڱا ڪم ڪندو

صَالِحًا يُّدْخِلْهُ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا

چڱا تہ داخل ڪندو تنهن کي اهڙن باغن ۾ وهن ٿيون جن هيٺان واهيون رهندا اتي

تنهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، اتي هميشہ رهندا.

اَبَدًا ؕ قَدْ اَحْسَنَ اللّٰهُ لَهٗ رِزْقًا ⑪ اَللّٰهُ الَّذِيْ خَلَقَ سَبْعَ سَمٰوٰتٍ وَّ

سدائين، بيشڪ سٺي ڏني الله ان کي روزي. الله اهو آهي جنهن خلقيا ست آسمان ۽

بيشڪ اُن جي روزي الله چڱيءَ طرح ٺاهي آهي. الله اهو آهي جنهن ستن آسمانن کي بڻايو ۽ اوتريون زمينون بہ (بڻايائين)

مِنَ الْاَرْضِ مِثْلَهُنَّ ؕ يَتَنَزَّلُ الْاَمْرُ بَيْنَهُنَّ لِتَعْلَمُوْٓا اَنَّ اللّٰهَ عَلٰى

زمينون اوتريون، لهندو آهي حڪم انهنجي اندر جيئن ڄاڻو تہ بيشڪ الله

اُنهن (ٻنهي آسمانن ۽ زمينن) جي وچ ۾ (سڀڪنهن ڪم جي رٿ جو) حڪم نازل ٿيندو آهي، (اهو هن لاءِ بيان ڪيوسون) تہ (اوهين) ڄاڻو تہ الله

كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ۙ وَّاَنَّ اللّٰهَ قَدْ اَحَاطَ بِكُلِّ شَيْءٍ عِلْمًا ⑫ ع ٢ ١٨

هر شيءِ تي قدرت وارو آهي ۽ بيشڪ الله گهيرو ڪيو آهي هر شيءِ تي علم سان.

سڀڪنهن شيءِ تي وس وارو آهي ۽ (پڻ ڄاڻو) تہ الله (پنهنجي) علم سان سڀڪنهن شيءِ کي وڪوڙيو آهي.

سُوْرَةُ التَّحْرِيْمِ مَدَنِيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ○ — اٰيَاتُهَا ١٢ رُكُوْعَاتُهَا ٢

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

يٰٓاَيُّهَا النَّبِيُّ لِمَ تُحَرِّمُ مَآ اَحَلَّ اللّٰهُ لَكَ ۚ تَبْتَغِيْ مَرْضَاتَ اَزْوَاجِكَ ؕ

اي نبي! تون ڇو حرام ڪرين ٿو جنهنکي حلال ڪيو الله تولاءِ، تون چاهين ٿو راضپو زالين پنهنجين جو.

اي پيغمبر! جنهن شيءِ کي الله تولاءِ حلال ڪيو آهي سا (تون پاڻ تي) ڇو ٿو حرام ڪرين؟ (پاڻ تي حرام ڪرڻ سبب) پنهنجين زالن جو راضپو گهرين ٿو

وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ① قَدْ فَرَضَ اللّٰهُ لَكُمْ تَحِلَّةَ اَيْمَانِكُمْ ۚ

۽ الله بخشيندڙ مهربان آهي. بيشڪ مقرر ڪيو الله توهان لاءِ کولڻ قسمن پنهنجن جو.

۽ الله بخشڻهار مهربان آهي. بيشڪ الله اوهان لاءِ اوهان جي قسمن جو کولڻ (ڪفارت جي ڏيڻ سان) مقرر ڪيو آهي

وَاللّٰهُ مَوْلٰىكُمْ ۚ وَهُوَ الْعَلِيْمُ الْحَكِيْمُ ② وَاِذْ اَسَرَّ النَّبِيُّ اِلٰى

۽ الله حامي اوهانجو آهي ۽ اهو زياده ڄاڻندڙ آهي ڏاهپ وارو آهي. ۽ جڏهن لڪائي ڪئي نبيءَ (سڳوري)

۽ الله اوهان جو سائين آهي ۽ اهو ڄاڻندڙ حڪمت وارو آهي. ۽ (ياد ڪرا) جڏهن پيغمبر پنهنجين زالن مان ڪنهن هڪڙيءَ

بَعْضِ اَزْوَاجِهٖ حَدِيْثًا ۚ فَلَمَّا نَبَّاَتْ بِهٖ وَاَظْهَرَهُ اللّٰهُ عَلَيْهِ

ڪنهن بيبيءَ پنهنجي سان ڪا ڳالهہ، پوءِ جڏهن ان کولي اها ڳالهہ ۽ ظاهر ڪيو ان کي الله نبيءَ تي

کي ڪا ڳالهہ ڳجهي چئي، پوءِ جڏهن ان (ڳالهہ) کي اُن (بي بيءَ) پڌرو ڪيو ۽ الله پيغمبر کي اُن (ڳجهي ڳالهہ جي پڌري ڪرڻ) تي واقف ڪيو

عَرَّفَ بَعْضَهٗ وَاَعْرَضَ عَنْۢ بَعْضٍ ۚ فَلَمَّا نَبَّاَهَا بِهٖ قَالَتْ

تہ ڄاڻايائين ڪجھ ان مان ۽ منهن موڙيائين ڪجھ ڪان، پوءِ جڏهن ٻڌايائين بيبيءَ کي اهو ان چيو

(تڏهن) پيغمبر ڪجھ اُها (ڳالھ بي بيءَ کي) ڄاڻائي ۽ ڪجھ ڇوڙڻ ڪان منهن موڙيائين، پوءِ جڏهن ان (بي بيءَ) کي ڳجهي ڳالھ جي ٻڌري ڪرڻ ڪان واقف

مَنْ اَنْۢبَاَكَ هٰذَا ؕ قَالَ نَبَّاَنِیَ الْعَلِیْمُ الْخَبِیْرُ ③ اِنْ تَتُوْبَاۤ اِلَی

ڪنهن خبر ڏني توکي اها؟ فرمايائين خبر ڏني مون کي علم واري خبر رکندڙ. جي اوهان ٻئي توبھ ڪنديون

ڪيائين (تڏهن) اُن (بيبيءَ) چيو تہ. اها توکي ڪنهن ڄاڻائي؟ (پيغمبر) فرمايو تہ. مون کي (الله) ڄاڻندڙ، خبر رکندڙ خبر ڏني. (اي پغمبر جون زالون!)

اللّٰهِ فَقَدْ صَغَتْ قُلُوْبُكُمَا ۚ وَاِنْ تَظٰهَرَا عَلَیْهِ فَاِنَّ اللّٰهَ هُوَ

الله وٽ تہ هوند لڙي پيون آهن دليون توهان جون، ۽ جيڪڏهن اوهين پليرائي ڪنديون پاڻ ۾ انهي تي پوءِ الله آهي

جيڪڏهن اوهين ٻئي الله وٽ توبھ ڪنديون (تہ چڱو آهي) بيشڪ اوهان جون دليون ڏنگيون ٿي ويون آهن ۽ جيڪڏهن پيغمبر (جي ايذائڻ) تي (اوهين)

مَوْلٰىهُ وَجِبْرِیْلُ وَصَالِحُ الْمُؤْمِنِیْنَ ۚ وَالْمَلٰٓىِٕكَةُ بَعْدَ ذٰلِكَ

ساٿي ان جو ۽ جبريل ۽ ڀلارا مومن، ۽ ملائڪ ان کان پوءِ آهن

ٻئي گڏجي ڏاڍ ڪنديون تہ بيشڪ الله سندس پرجهلو آهي ۽ جبرئيل ۽ سڙيل مومن (بہ)، ۽ هن کان پوءِ ملائڪ (بہ) مددگار آهن.

ظَهِیْرٌ ④ عَسٰی رَبُّهٗۤ اِنْ طَلَّقَكُنَّ اَنْ یُّبْدِلَهٗۤ اَزْوَاجًا خَیْرًا

پٺڀرائي ڪندڙ. سگهوئي سندس رب جيڪڏهن ڇڏي نبي توهان کي بدلائي ڏيندو انکي زالون وڌيڪ ڀليون

جيڪڏهن پيغمبر اوهان کي طلاق ڏيندو تہ اميد آهي تہ سگهوئي سندس پالڻهار اوهان کان (ڀيون) چڱيون زالون

مِّنْكُنَّ مُسْلِمٰتٍ مُّؤْمِنٰتٍ قٰنِتٰتٍ تٰٓىِٕبٰتٍ عٰبِدٰتٍ سٰٓىِٕحٰتٍ

اوهان کان فرمانبردار يقين واريون نماز پڙهندڙ توبہ ڪندڙ ٻانهپ واريون روزا رکندڙ

فرمانبردار، مومنياڻيون، نماز پڙهندڙيون، توبھ ڪندڙيون، عبادت ڪرڻ واريون، روزو رکندڙيون، رنڙ ۽ ڪنواريون

ثَیِّبٰتٍ وَّاَبْكَارًا ⑤ یٰۤاَیُّهَا الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا قُوْۤا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِیْكُمْ

رنڙ ۽ ڪنواريون. اي مسلمانو! بچايو پاڻ کي ۽ پنهنجي گهرڀاتين کي

(ڀيون) ان کي عيوض ۾ ڏيندو. اي ايمان وارو! پاڻ کي ۽ پنهنجن گهر جي ڀاتين کي انهيءَ باھ کان بچايو.

نَارًا وَّقُوْدُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ عَلَیْهَا مَلٰٓىِٕكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ

باھ کان ٻارڻ جنهن جو ماڻهو ۽ پٿر آهن ان تي آهن ملائڪ شوخ ڏاڍ وارا

جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پهڻ هوندا، جنهن (باھ) تي بي رحم، سخت وٺڻ وارا ملائڪ (مقرر) آهن، جيڪي

لَّا یَعْصُوْنَ اللّٰهَ مَاۤ اَمَرَهُمْ وَیَفْعَلُوْنَ مَا یُؤْمَرُوْنَ ⑥

نہ ٿا بي فرماني ڪن الله جي جيڪي اهو چوين ۽ ڪن ٿا اهو ڪم جو ڪين حڪم ٿئي ٿو.

(الله) کين فرمايو آهي، تنهن ۾ الله جي نافرماني نہ ڪندا آهن ۽ جيڪي کين حڪم ڪبو آهي، سو ڪندا آهن.

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لَا تَعْتَذِرُوا الْيَوْمَ ؕ اِنَّمَا تُجْزَوْنَ

اي ڪافرو! نہ بهانا ڪريو اڄ، رڳو سزا ڏجي ٿي توهان کي

(ان ڏينهن چئبو تہ) اي ڪافرو! اڄ بهانو (پيش) نہ ڪريو، جيڪي ڪندا هيو

مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ⑦ يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا تُوْبُوْۤا اِلَى اللّٰهِ ع ١٩

ان جي جيڪي توهان ڪندا هئا. اي ايمان وارؤ! توبہ ڪريو الله وٽ

رڳو تنهن جي اوهان کي سزا ڏجي ٿي. اي ايمان وارؤ الله وٽ توبهہ ڪريو.

تَوْبَةً نَّصُوْحًا ؕ عَسٰى رَبُّكُمْ اَنْ يُّكَفِّرَ عَنْكُمْ سَيِّاٰتِكُمْ

توبہ سچي، سگهوئي رب اوهان جو لاهيندو اوهان کان گناهہ اوهان جا

سچي توبهہ، اوهان جي پالڻهار ۾ اميد آهي تہ اوهان جون مدايون اوهان کان ميٽيندو

وَ يُدْخِلَكُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ۙ يَوْمَ

۽ داخل ڪندو باغن ۾ وهن ٿيون جن جي هيٺان واهيون، ان ڏينهن

۽ اوهان کي (اهڙن) باغن ۾ داخل ڪندو جن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن، جنهن ڏينهن

لَا يُخْزِى اللّٰهُ النَّبِىَّ وَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا مَعَهٗ ۚ نُوْرُهُمْ

نہ خوار ڪندو الله نبيءَ کي ۽ انهن کي جن ايمان آندو گڏ انهيءَ سان، نور انهن جو

الله پيغمبر کي ۽ جن ساڻس ايمان آندو آهي، تن کي خوار نہ ڪندو، سندن (ايماني) نور سندن اڳيان ۽

يَسْعٰى بَيْنَ اَيْدِيْهِمْ وَ بِاَيْمَانِهِمْ يَقُوْلُوْنَ رَبَّنَاۤ اَتْمِمْ

ڊوڙندو سندن اڳيان ۽ سندن ساڄي پاسي کان، چوندا اي رب اسان جا پورو ڪر

سندن سڄن پاسن کان ڊوڙندو، چوندا (تہ) اي اسان جا پالڻهارا! اسان لاءِ اسان جو

لَنَا نُوْرَنَا وَ اغْفِرْ لَنَا ۚ اِنَّكَ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ قَدِيْرٌ ⑧

اسان لاءِ نور اسان جو ۽ بخش اسان کي، بيشڪ تون هر شيءِ تي سگهارو ڪندڙ آهين.

نور پورو ڪر ۽ اسان کي بخش، ڇو تہ تون سڀ ڪنهن شيءِ تي وس وارو آهين.

يٰۤاَيُّهَا النَّبِيُّ جَاهِدِ الْكُفَّارَ وَ الْمُنٰفِقِيْنَ وَ اغْلُظْ

اي نبي! جنگ ڪر ڪافرن سان ۽ منافقن سان ۽ سختي ڪر

اي پيغمبر! ڪافرن ۽ منافقن سان جهاد ڪر ۽ منجهن سختي

عَلَيْهِمْ ؕ وَ مَاْوٰىهُمْ جَهَنَّمُ ؕ وَ بِئْسَ الْمَصِيْرُ ⑨

انهن تي، ۽ جاءِ انهن جي جهنم آهي، ۽ اها بڇڙي جاءِ آهي.

ڪر ۽ سندن جاءِ دوزخ آهي ۽ اهو (ٺڪاڻ جو) هنڌ بڇڙو آهي.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوا امْرَاَتَ نُوْحٍ وَّ

بيان ڪيو | الله | مثال | انهن لاءِ جن | ڪفر ڪيو، | نوح جي زال جو | ۽

الله نوح جي زال ۽ لوط جي زال جو هڪ مثال ڪافرن لاءِ بيان

امْرَاَتَ لُوْطٍ ؕ كَانَتَا تَحْتَ عَبْدَيْنِ مِنْ عِبَادِنَا

لوط جي زال جو، | اهي هيون | ڙالون ٻن ٻانهن جون | اسان جي ٻانهن

ڪري ٿو. (اهي) اسان جي ٻن سڌريل ٻانهن (جي نڪاح) هيٺ هيون،

صَالِحَيْنِ فَخَانَتٰهُمَا فَلَمْ يُغْنِيَا عَنْهُمَا مِنَ اللّٰهِ

صالحن مان | پوءِ انهن کوٽ ڪيو ٻنهي سان | پوءِ اهي ٻئي نه ٽاري سگهيا | انهن کان | الله جو

پوءِ انهن (ٻنهي ڄڻن) سان، خيانت ڪيائون، پوءِ انهن (ٻنهي مڙسن انهن پنهنجي زالن) کان الله جو

شَيْئًا وَّقِيْلَ ادْخُلَا النَّارَ مَعَ الدّٰخِلِيْنَ ⑩ وَضَرَبَ اللّٰهُ

کو عذاب ۽ چيو ويو ته داخل ٿيو ٻئي | جهنم ۾ | گڏ داخل ٿيندڙن سان. | ۽ | بيان ڪيو | الله

عذاب ڪجهه به نه ٽاريو ۽ (انهن کي) چئبو ته، باهه ۾ گهڙندڙن سان گڏ گهڙو. ۽ الله مومنن

مَثَلًا لِّلَّذِيْنَ اٰمَنُوا امْرَاَتَ فِرْعَوْنَ ۘ اِذْ قَالَتْ

مثال | انهن لاءِ جن | ايمان آندو | فرعون جي زال جو، | جڏهن | چيائين

لاءِ فرعون جي زال جو هڪ مثال بيان ڪري ٿو جڏهن چيائين ته،

رَبِّ ابْنِ لِيْ عِنْدَكَ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ وَنَجِّنِيْ مِنْ فِرْعَوْنَ

اي رب منهنجا جوڙ مون لاءِ | پاڻ وٽ | گهر | جنت ۾ | ۽ ڇڏاءِ مون کي | فرعون

اي منهنجا پالڻهارا پاڻ وٽ بهشت ۾ مون لاءِ ڪو گهر ٺاهه ۽ فرعون ۽

وَعَمَلِهٖ وَنَجِّنِيْ مِنَ الْقَوْمِ الظّٰلِمِيْنَ ⑪ۙ وَمَرْيَمَ ابْنَتَ

۽ سندس ڪرتوتن کان ۽ ڇڏاءِ مونکي | قوم ظالمن جي کان، | ۽ | مثال مريم | ڌيءُ

سندس ڪر ڪان مون کي ڇڏاءِ ۽ ظالمن جي ٽولي کان (پڻ) مون کي بچاءِ ۽ (پڻ) مريم ڌيءُ عمران

عِمْرٰنَ الَّتِيْٓ اَحْصَنَتْ فَرْجَهَا فَنَفَخْنَا فِيْهِ مِنْ رُّوْحِنَا

عمران جو | جنهن | بچايو پنهنجي | اگهڙ کي | پوءِ ڦوڪيون سون ان ۾ انهن | پنهنجو امر

جي (جو مثال بيان ڪريون ٿا) جنهن پنهنجي اوگهڙ کي بچايو، پوءِ ان (جي رحم) ۾ پنهنجو روح ڦوڪيوسون

وَصَدَّقَتْ بِكَلِمٰتِ رَبِّهَا وَكُتُبِهٖ وَكَانَتْ مِنَ الْقٰنِتِيْنَ ⑫ ع

۽ اها مڃيندي هئي | احڪام | پنهنجي رب جا | ۽ سندس ڪتاب | ۽ | اها هئي | نماز پڙهندڙن مان.

۽ پنهنجي پالڻهار جي حڪمن ۽ سندس ڪتابن کي سچ ڄاتو هيائين ۽ فرمانبردارن مان هئي.

وقف لازم

ع ۲

